سنڌي اَدبي ڊائجيسٽ

# ڪونج ڊائمنڊ جُبلي ۲۰۱۹ اَنڪ جو
# سکر - ساڌو ٻيلا جي آڱڻ ۾
# شاندار شهاڻو ۽ ٻپيڪيدار مهورت




سنت شرومڻي ڊاڪٽر يڌشٽرلعل ۽ سوامي برهمايوگانند مهاراج ۽
سکر سنڌي اَدبي سنگت جا مانوارا اديب دوستن جي شڀ هٿن سان ڪيو ويو.




Courtesy : NOTAN TOLANI → Hong Kong ← LAL HARDASANI

Gul Hayat Institute

## KOONJ

Bimonthly Sindhi Magazine

**ڪونج اَدبي ڊائجيسٽ**

सिंधी की द्वैमासिक पत्रिका

ڊائمنڊ جبلي واري حد پار ڪندڙ
سنڌي مخزن 1960-2020

**جنوري-فيبروري 2020**

سال : 61 - پرچو : 1

هيءُ پرچو : 60 روپيا

چپيندڙ : سُڌا آفسيٽ، اُلهاسنگر-3

فون : 2560465

●

چندو : ساليانو -/350

ٽي سال -/1000

پنج سال -/1500

**ڪونج پريوار پاران**
**نئين سال جون سيني کي**
**لک لک واڌايون!**

سمپادڪ :
**نند چڳاڻي**


*Address for Correspondence :*

**NAND CHHUGANI**

502, Manwani Mansion,
Gol Maidan,
Near Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 421 001.

Tel. : 0251 - 2571605

Mobile : 9323120141

E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com,
koonj@rediffmail.com,
koonj.chhugani@gmail.com



**KOONJ** (Estd. 1960)

*Founder Editor :*
**Late Hari Motwani "Sindhi"**
4, Great Western Building,
2nd floor, S.B.S. Road,
Mumbai - 400 023.
Tel. : 0251 - 2571605 ● Mobile : 9323120141
E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com
koonj.chhugani@gmail.com


چندو - اِشتهارن جي رقم -
هاڻ سڌو بئنڪ ۾ ڀريو.

**BANK OF BARODA -**
**Ulhasnagar-2 - Main Branch**
**Current A/c. - " KOONJ "**
**Current A/c. No. :**
**04250200000602**
**RTGS / NEFT / IFSC Code :**
**BARB0ULHASN**

Gul Hayat Institute

# ۞ فهرست ۞


| صفحو | رچناڪار | وشيه |
|---|---|---|
| 3 | نند ڇڳاڻي | 1 .... سمپادڪيه |
| 7 | قاضي خادم | 2 .... فلمي سنسار |
| 38 | مايا راهي | 3 .... ۽ هوءَ مهڪي پيئي (ڪهاڻي) |
| 43 | جيا جادواڻي | 4 .... اِستري ومرش - ڪجهه اَڻ ڏٺل پهلو |
| 52 | اَرجن چاولا | 5 .... پاڻ سان ڳالهه ٻولهه (سوچ جون صورتون) |
| 54 | ڪليم ٻٽ | 6 .... آٽوميٽڪ رائيٽنگ |
| 56 | رڪيل مورائي | 7 .... اَرجن حاسد |
| 58 | رڪيل مورائي | 8 .... ممتاز مهر |

9 .... شاعري :

.... نند جويري / 37؛ ڍولڻ راهي / 42؛ سريچند ڪيسواڻي / 42؛

..... اَرجن چاولا / 53؛ موهن همٿاڻي / 53؛ اَرجن حاسد / 59؛

..... واسديو موهي / 59؛ گوپ ڪمل / 59؛ ڪي. ٽي. دادلاڻي / 60؛

..... ڪنيو شيواڻي / 60؛ پريم پتافي / 60؛ ايس. جي. ياڳيا / 60؛

..... ڊاڪٽر خادم منگي / 61؛ گوورڌن شرما ’گهايل‘ / 68.

10 . توهان جا خط :

.... وڪرم شهاڻي / 62؛ اَروُڻ ٻاٻاڻي / 63؛ ايشور مورجاڻي / 63؛

..... مڪيش تلوڪاڻي / 64؛ ڪرشڻ هيمراجاڻي / 64؛ گيتا بندراڻي / 65؛

..... سوني (مولچنداڻي - بيلاڻي) / 66؛ گوورڌن شرما ’گهايل‘ / 66.

| | | |
|---|---|---|
| 69 | نند ڇڳاڻي | 11 . نئون ساهتيه |


Gul Hayat Institute

سمپادڪيہ ...

# سنڌ جو سٺائو سفر

هري موٽواڻي ’سنڌي‘ جي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيہ ڏانهن سڪ ۽ چِڪ مثالي رهي. اَدبي اُسات ٻُجهائڻ لاءِ 1960ع ۾ ’ڪونج‘ جي شروعات ڪري سنڌ ڏانهن سڳو سوري ڇڏيو. اهو ڳنڍ اَڄ سوڌو مضبوطيءَ سان بينو آهي. موٽواڻي صاحب جي درسي تعليم گهٽي ڪونہ هئي پر مشاهدي جا مڻ وٽس موجود هئا. ڪونج جا خاص پرچا، گولڊن جبلي اَنڪ ان جو ٺوس ثبوت آهن. ڏسندي ڏسندي ڪونج سٺ (60) سالن جي ٿي ويئي. ڊائمنڊ جبلي اَنڪ پريس ۾ هو. ان جي مهورتي اُتسوَ لاءِ مهمان پئي سوچياسين، جو اَسانجو هردلعزيز مورجمل منگهناڻي سرڳواس ٿيو. شري هريش ميرچنداڻي بہ هن فاني دنيا جو سفر پورو ڪيو. گهڙي ڪونہ گذري جو جڳ مشهور قانوندان، اعليٰ اَديب ۽ ڪونج جو گهڻگهرو سڄڻ رام جيٺملاڻيءَ بہ موڪلايو. هڪ ٻئي پنيان ٽن پيٽرنس جي لاڏاڻي دل لوڏي ڇڏي. سادگيءَ سان مهورت سنڌو يوٿ سرڪل، اُلهاسنگر يا سيتا سنڌو پون - ممبئيءَ جو پئي سوچيو، تہ اَخبار ۾ شداڻي دربار - رائپور وارن جو جٿي سان سنڌ ياترا جو پروگرام شايع ٿيو. سنڌ جا ڇهہ (6) شهر، حيات پتافي، ماٿيلو، سکر، خانپور مهر، ڏهرڪي ۽ ميرپور ماٿيلو شامل هئا. اختياريءَ وارن سان رابطو ڪري ڊائمنڊ جبلي اَنڪ جي مهورت جي آگيا ورتي، سنڌن اُلهاسنگر جي عيوضي شري پرديپ روپاڻيءَ وٽ پئسا ۽ پاسپورٽ جمع ڪري آيس. روپاڻيءَ بہ مهورت مهل هرڪنهن قسم جي سهوليت لاءِ خاطري ڏني. اُن وقت سنڌ - پاڪستان جي سياسي فضا ۾ فقط ’نيوڪليئر ملڪ‘ جا آواز پئي دهرايا ويا. مان چپ رهيس، دل ۾ فقط ڊائمنڊ جبلي اَنڪ جو مهورت، سکر ساڌو ٻيلا ۽ هري موٽواڻيءَ جي سنڌ واري سڪ ياد رکيم. چوندا آهن تہ سچيءَ دل تي صاحب راضي. سڪ شانتيءَ سان سڀ ڪارج راس ٿي ويا.

پوني ۾ قلندري سُپاهُ وارو شري ايس. جي. ياڳيا جيڪو ڪجهہ

Gul Hayat Institute

سال اَڳ سنڌ مان لڏي آيو آهي، نوري ويزا تي واپس ايندي ڪجهه ڪتاب بہ ڪنيون آيو. ساڻس روبرو ملڻ ويس. ڪيس سکر ۾ ڪونج جي مهورت واري ڳالهہ ڪيم. ”سائين ڪنهن بہ قسم جو خيال نہ ڪيو. توهان هتان جي تياري ڪيو. سکر سنڌي اَدبي سنگت معرفت سڀ ڪارج سِڌ ٿي ويندا.“ دل ٻيڻي ٿي پيئي. ڪجهہ ڏينهن ۾ سکر مان ٻئنر واٽس اپ تي اَچي ويو. 24 نومبر 2019 تي سفر شروع ٿيو. وڳاه باربر لتاڙي سنڌ پهتاسين. 29/11 تي سکر - ساڌو ٻيلا وارو پروگرام رٿيل هو. سنتن جو ستسنگ هو. شام جو ٻيڙي ۾ چڙهندي درياه شاه کي سجدو ڪيم. هريش ڪمار جيڪو سنتن جو مُکہ ڪردار هو، ان کي ڪونج لاءِ ٽِپس پني تي لکي ڏنم. ٻئي پاسي سمورو ساڌو ٻيلو ستسنگين سان ڀريل هو. اَدبي سنگت جا پندرهن (15) ڄڻا حاضر هئا. وڏي سِڪ، حب سان گڏيا. ٿيلهو وٺي مونکي آجو ڪيائون. سنت جيستائين پرڪرما ڏيئي اَچي، اَسان پاڻ ۾ ڪجهہ تصويرون-ڦوٽا ڪڍيا. ڪتابن جي ڏي-وٺ ٿي. ڊاڪٽر اَدل سومري، علي اَنور هاليپوٽو ۽ مدد علي سنڌي وٽان آيل ”گنج“ جا ٻہ ڀاڱا ڏنا. ڏسي دل گدگد ٿي پيئي. انهن چيو تہ سائين وزنائتي گنج ڪري اَسان ٻيا ڪتاب ڪونہ کڻي آياسين. تنهن هوندي بہ لطيف خيرپور يونيورسٽي پاران ڇپايل ’ساميءَ جا سلوڪ‘ بہ هو. ساڌو ٻيلا جي بانيڪار شري چاولا ستيج تي سيني جي پليڪار ڪندي ڪونج جي مهورت بابت بہ ٻڌايو. سنت براجمان ٿيا تہ هريش ڪمار سندن آڳيا وٺي سيني جي پليڪار ڪئي. ڪونج بابت ۽ ايڊيٽر جي واقفيت ڏيئي ڊاڪٽر اياز گل - ڊاڪٽر اَدل سومرو - ڊاڪٽر منگيءَ کي سنت شرومڻي ڊاڪٽر يڌشٽر لال ۽ سوامي برهما يوگانند مهراج گڏجي مهورت ڪيو. من ترپت ٿيو. اَپار آنند ۾ پرجي ويس. پاڻ کي ايترو هلڪو پاتم ڄڻ اُڏامان پيو. پورهيو ٿاب پيو. سکر ساڌو ٻيلا ۾ ڊائمنڊ جبلي اَنک جو مهورت ٿيو. اياز گل، ادل سومرو ۽ ڊاڪٽر منگي پنهنجي شاعري پيش ڪري واه واه پاتي. سڄو مئدان ستسنگين سان ڀريل هو. آيل سنت شرومڻي يڌشٽرلعل جي مکاروند مان وچن ٻڌڻ لاءِ منتظر هئا. اِهي سندن گروءَ طرف پياس ٻُجهائين ٿا. ساڳِئي حالت ڇهن ئي شهرن ۾ هئي. ٻين شهرن ۾ تہ پاڻ سڄي سڄي رات پيو پروگرام

هلندو آهي. ڊاڪٽر يڌشٽرلال جن هر پروگرام ۾ تکو ڀهرو پئي ورتو. گروءَ جي اَچڻ تي سندن سِکن-شِشن جا شادمانا ٿيو وڃن. ٻارن کي سندن اِسم پيش ڪرڻ ڪانپوءِ اُنهن سان تصوير-فوٽو ڪڍائڻ سائينجن جو اِسم خاص هو. اِنعام بہ ضرور ڏِيَن. اهو ڃڻ اُن شهر جو سنمان پئي ٿيو. سڄي رات پروگرام ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن سڀ ڃڻ تازا توانا. اُها ئي مُشڪ منهن تي. واه سائين واه. هِت ساڌٻيلي جي پروگرام ڪانپوءِ واپس ٻيڙين ۾ ڪيڻ وياسين - ڪٿي پهتاسين - ڪجهہ خبر ڪونہ پيئي. هانگ-ڪانگ مان لال هرداساڻيءَ موبائيل تي نياپو موڪليو تہ سائين هري موٽواٽي توهان تي سرڳ مان گل پيو ڇٽڪاري. سندن من جي مراد بہ تہ پوري ٿي.

مٿين ڇهن ئي شهرن ۾ سائينجن جون درٻاريون آهن - جنهن کي آشرم بہ ڇئي سگهجي ٿو. هر شهر جي هندو برادري اُن جو ڪارج سنڀاليندي آهي ۽ روز اُتي ستسنگ جي ورڪا ٿيندي آهي. گروءَ جي آگمن (اَچڻ) تي ڪيترا شاديون - جٽيا ۽ ٻيا شڀ ڪارج ڪن. اُهي اُنهن لاءِ ٻنان مهورت سنا ڏينهن ليڪبا آهن.

4 ڊسمبر رات جو لاهور جي شاهي گردواري ۾ لنگر ورتائي آرام ڪيوسين جو صبوح 5 ڊسمبر واپسي هئي. مون سان تہ شاه صاحب ۽ سامي صاحب ساڻ هئا، انڪري بہ شايد ڪا تڪليف ڪونہ ٿي. 5 ڊسمبر بارڊر ڪراس ڪندي شام ڏاري واپس اَچي هندستان جي اَمرتسر اسٽيشن تي داٻو ڪيو جو اُتان رات جو 9 بجي ممبئيءَ لاءِ گاڏي هئي. 7 ڊسمبر صبح جو گهر اُلهاسنگر ۾ سک سان پهتاسين.

ڪن واقعن دل تي اَثر ڇڏيو، اُنهن ۾ مکيہ هئا - پاڪستان بارڊر ۾ گِهڙڻ شرط ڏهن فوٽن اَندر شداڻي درٻار جي بانيڪارن گلن ۽ هارن سان شاندر سواگت ڪيو. اندر ڪسٽم هائوس ٻاهران وڏو شاهي بئنر لڳل هو. ان جي هڪ پاسي سنت شرومڻي يڌشٽرلال جي تصوير هئي تہ ٻئي پاسي پاڪستان جي پرائيم منسٽر اِمران خان جو فوٽو هو. اهو پليڪار جو بئنر هو. ڏسي پڙهي ڊپ صفا لهي ويو. اَڃان بہ اَڳتي وڌياسين تہ ڪسٽم جي ڊريس ۾ هڪ بندو پونگو ڪنيون زور زور سان ”شداڻي درٻار وارن جي جٿي جو پاڪستان ۾ سواگت آهي -

Gul Hayat Institute

پليڪار آهي پلي ڪري آيا`` سچ پچ منهن مان واه واه نڪري ويئي.

سامان چيڪ پوسٽ تي بئگ وغيره تي کولي هڪ طائراڻي نظر پئي وڌي ويئي. بس، منهنجي ٿيلهي ۾ ڊائمنڊ جبلي جا اَنڪ ۽ ڪتاب ڏسي ڪانئس ڪِل نڪري ويئي.

ٻئي پاسي لاهور جي گردواري جو لنگر اُتي ئي ورتايوسين. ڪائي من ترپت ٿي ويو. جنرا اَگني شانت ٿي.

پاڪستان جي پوليس جو لوڙهو اُتان شروع ٿيو. جنهن ويندي واپسيءَ تائين پٺ نه ڇڏي. ڏينهن ۾ ٻه پيرا صبح / شام حاضري پرائڻي پئي پيئي. شهرن ۾ اَندر وڃڻ ڪونه ٿي ڏنائون - ها جي موڪل جو عرض اگهاميو پئي ته حولدار ساڻ. انڪري عوام سان خوش خيريافت ڪري ڪونه سگهياسين. روڊ رستا شهرن ۾ گهٽيون ئي آهن. هاءِ-وي وارو هار سينگار ڪونه هو. چيائون پئي ته ٽن پوليس پهرن هيٺ هئاسين، (۱) سنڌ پوليس (۲) رينجرس (۳) پاڪستان جي خُفيه ايجنسي. پر تڪليف ڪونه پئي ڏنائون.

ڪراچيءَ ڪان رڪيل مورائي، حيدرآباد ڪان تاج جويو ۽ ذولفقار سيال خاص گڏجڻ آيا. سندن اَجرڪ ۽ ٽوپي باسلامت هند تائين گڏ آهن. پريم پتافي ۽ محمد پنهل ڏهر ڪي ٻه گڏجڻ ۾ ڪا تڪليف ڪونه ٿي. ٻنهي چڙهن واپسيءَ ۾ اَمانت طور مليل ڪتاب برابر جڳهه تي پهتا ڪيا. آنءُ سندن شڪرگذار آهيان.

تاج جويو ۽ رڪيل مورائي اَڳين مسافرين ۾ ٻه سهڻو سات ڏنو هو. ياد اَٿم. سندن حاضري - مهمانوازي جڻ سموري سنڌ جي اَدبي سٿ کي عيوضيپڻو پئي ڏنو. سکر سنڌي اَدبي سنگت - ڊاڪٽر اياز گل - ڊاڪٽر ادل سومرو ۽ ڊاڪٽر منگي، پني عاقل ۾ ڊاڪٽر هريرام پاڳيا سان ملاقات اَڻوسرندڙ سرمايو رهندو.

✍ نند ڇڳاڻي

1 فيبروري 2020

Gul Hayat Institute

# فلمي سنسار

_ قاضي خادم

ننڍپڻ ۾ ئي فلمن ڏسڻ ۾ جو شوق پئجي ويو هو. ان ڪري جو گهر ۾ بابا امان سميت سيني کي ”ڪيل“ ڏسڻ جو شوق هو. ان وقت ڪارٽون فلمون اسان وٽ اڃا عام ڪونه ٿيون هيون. تنهن ڪري ڍبو بابوراءِ جون مزاحيه فلمون ۽ ناديا جان ڪائوس جون مارڌاڙ سان ڀرپور فلمون وٽنديون هيون. ناديا سان ڪن فلمن ۾ مشهور اداڪار يعقوب به ڪم ڪيو آهي، جنهن کي ان وقت لالا يعقوب ڪري لکندا هئا. پر پوءِ جيئن والٽ ڊزني جون ڪارٽون فلمون به ڏيکارڻ شروع ڪيائون ته مون کي به مڪي مائوس وغيره فلمون وڻڻ لڳيون.

ان وقت فلمن جو ايڏو شوق هوندو هو جو ڪاريگرن هٿرادو لوهه جا هٿ سان هلندڙ پروجيڪٽر ناهي، وڏن ڳاڙن تي ڏيڪ وجهي انهن ۾ فلمون ڏيکارڻ شروع ڪيون ۽ ان کي بائسڪوپ چوندا هئا. مون اتي به ٽڪڙيون ٽڪڙيون هلندڙ جام گونگيون فلمون ڏٺيون. بلڪ هڪ هٿ جو ٺهيل پروجيڪٽر به، ميونسپالٽي جي سامون هڪ لوهار ڪان ورتم، جيڪو ننڍا وڏا پروجيڪٽر ناهيندو هو.

جوانيءَ جي دور ۾ جڏهن اردو فلمن سان گڏ هالي ووڊ جي فلمن جو دور به شامل ٿي ويو ته اسان جي ڇڻ عيد ٿي وئي. مون ان دور جي بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي. ليڪن هڪ خاص ڳالهه اها هئي جو ان وقت تمام مشهور اداڪارن جون فلمون ته ايندڀون هيون پر ڪي نوان اداڪار



Gul Hayat Institute

بہ اچي ويا جن مان پيٽر سيلرز جيڪو پنڪ پينٿر سيريز ملينريس ۽ پارٽي فلم جي ڪري ڏاڍو مشهور ٿيو. پيٽراوٽول، جيڪو لارينس آف عربيا، نائيٽ آف دي جنرلس ۽ لارڊ جم جي ڪري ڏاڍو مشهور ٿي ويو هو. حالانڪہ هن جي رچرڊ برٽن سان گڏ فلم ”ٿامس بيڪيٽ“ ڪا گهٽ ڪانہ هئي تہ وري ”گريجوئيٽ“ ۾ ڊسٽن هاف مين، صرف انوکي ڪهاڻيءَ جي ڪري مشهور ٿي ويو ۽ ڊرڪ بوگارڊ وري ”دي ونڊ ڪين ناٽ ريڊ“ ۾ نالو ڪمايو پوءِ بہ فلمن ۾ ايندو رهيو پر هن فلم ۾ هن جو رول بہ سٺو هو ۽ ڪهاڻي نهايت زبردست هئي. جنگ ۽ انساني جذبات جي موضوع تي ٺهيل هيءَ فلم هر طرح سان ارنيسٽ هيمنگوي جي ناول ”اي فيئرويل ٽو آرمس“ جهڙي حيثيت جي هئي، جنهن تي ڪئين فلمون ٺهيون آهن پر اداڪار گيري ڪوپر ۽ پوءِ راڪ هڊسن سان ٺهيل ان فلم بہ وڏو نالو ڪيو. مشهور اداڪار راڪ هڊسن ۽ جينالولو برجيڊا جي مشهور ترين فلم ”ڪم سيپٽمبر“ ۾ هڪ نئين جوڙي ”سنڊرا ڊي ۽ بابي ڊارن“ ڪم ڪيو، جيڪي ان ڪانپوءِ ڪيترين ئي فلمن ۾ ڪامياب اداڪاري ڪري ڏاڍا مشهور ٿيا. خاص ڪري ”سمر پليس“ ۾ سنڊراڊي جي اداڪاري عروج تي آهي. ان ڪانسواءِ مزاحيہ اداڪارن ۾ برطانوي اداڪار ٽيري ٿامس، ارني وائز ۽ ايرڪ مورڪيمبل بہ هن دور ۾ ڏاڍا ڪامياب ٿيا.

اهڙا ڪيترائي نوان اداڪار ۽ نيون فلمون ڏسڻ لاءِ مليون. اها ئي ڳالهہ آهي تہ ڪلارڪ گيبل، هنري فونڊا، ڊيبو راڪر، جين سائمنز، ڪلاڊيا ڪارڊينل، صوفيا لارن، برٽ لنڪاسٽر، ڪرڪ ڊگلس، ٽوني ڪرٽس، جان وين، يول برائيلر، مارلن براندو، انٿوني پرڪنس، رچرڊ برٽن، رچرڊ وڊمارڪ، گريگوري پيڪ، انٿوني ڪوئن، همفري بوگارڊ، گيري ڪوپر، انگرڊ برگمن، لانا ٽرنر، ريٽا هيورٿ، سلوانا منگانو برجيٽ باردو، مارلن منرو ۽ ڪئين سنجيده ۽ مزاحيہ اداڪار بہ هميشہ دل تي نقش رهيا، جن جون فلمون بہ دل تي نقش آهن تہ موبائيل فون جي ميموريءَ ۾ بہ آهن.

Gul Hayat Institute

”ڊِي وِنڊ ڪين ناٽ ريڊ“ فلم جي اهميت لاءِ هڪ مثال ٿي ڪافي آهي ته هڪ دفعي موهن مدهوش جي ڪويتا ڪتاب گهر ۾ آءُ ۽ مدد علي سنڌي ويٺا هئاسين، جيڪو حيدرآباد جي قيصر سئنيما جو مالڪ به هئو ته فلمن جو شوقين به ۽ خاص ڪري فردوس سئنيما جي مارننگ ۾ مئٽني شو جو ان دور جي هر نوجوان وانگر ديوانو به هئو. تنهن مون کان هڪ فلم جي باري ۾ پڇيو ۽ صرف ايترو ٻڌائين ته ”ان ۾ برما مان زخمي ماڻهو ۽ انگريز فوجي هندستان ۾ اچڻ جو قصو آهي.“ ته مون هڪدم چيو ”ڊي ونڊ ڪين ناٽ ريڊ“. هو ڏاڍو حيران ٿيو پر اڃان وڌيڪ حيران ٿيو جڏهن مون موبائيل فون تي رڪارڊ ڪيل اها فلم اتي جو اتي ڏيکاري مانس. اسين اڃان به انهن شوقن ڪي مٿ ۾ جهليو جوانيءَ جو دامن پڪڙيو پيا هلون.

*

اسان جڏهن فلمون ڏسڻ سان گڏ سمجهڻ به شروع ڪيون تڏهن محبوب، ڪاردار، روپ، ڪي شوري، وي شانتارام، ڪشور ساهو، گرو دت، اميه چڪرورتي ۽ آر ڪي جون فلمون گهڻيون مشهور هونديون هيون. ماڻهو هنن جو بينر ڏسي فلم ڏسڻ ويندا هئا ۽ فلمن جي شوق جو اهو حال هو جو مزدور ۽ ٽانگي واري کان وٺي، آفيسر، واپاري، رئيس ۽ نواب به انهن هدايتڪارن جون ٺاهيل فلمون، جن کي راجڪپور ”تصويرون“ چوندو هو ڏسندا هئا. ديويڪا راڻي، نجم الحسن، اوما ديوي، ببو ۽ اشوڪ ڪمار جو اوائلي هيرو وارو دور به زوال پذير ٿي رهيو هو جڏهن ته اشوڪ پوءِ به ڪافي وقت ڇڪي تاڻي ڪيترين سٺين فلمن ۾ هيرو جا رول ڪيا جن ۾ محل، ديدار، پونم، ياٿي ياٿي، گرهستي، جل پري، سماڌي، هاوڙا برج، ايڪ سال، انسپيڪٽر (هن فلم ۾ هن ڪي قدر مزاحيه رول به ادا ڪيو آهي ۽ نچندي هڪ گانو به ڳايو آهي، ”ڦولون ڪا هار لايا هون“، ”چلتي ڪا نام گاڙي“، جهڙين فلمن ۾ ڪيو جن به ڏاڍي تفريح مهيا ڪئي. خاص طرح ياٿي ياٿي، پونم، هاوڙا برج، محل، چلتي ڪا نام

Gul Hayat Institute

ڳاڙي تہ اڄ بہ اسان کي وڻنديون آهن. هاوڙا برج ۾ هن مڌو بالا سان گڏ ڪم ڪيو آهي. هن فلم جا ڳانا محل وانگر گھڻا ڄاڻادار تہ نہ ٿيا پر تڏهن بہ آشا جا ڳايل ڳانا ان وقت فوني ۽ ريڊيو تي ڏاڍا هليا. خاص ڪري جيئن محل ۾ ”آئي گا آني والا“ اڄ سوڍو ڪنهن جي دل ۾ درد جي لهر آڻڻ لاءِ ڪافي آهي، تيئن هاوڙا برج جو ڳانو ”آئيي مهربان، ديکئي جان جان، شوق سي لي جي، عشق ڪي امتحان“ ٻڌي بہ دل جا ڪي تار ضرور لڏي ويندا آهن.

محبوب جون فلمون سماجي موضوعات جي ڪري مشهور ٿيون. اعلان کان انوکي ادا، انمول گھڙي، آن ۽ انداز تائين هن جون بي شمار فلمون ان وقت گڏيل هندستان ۽ پاڪستان ۾ نالو ۽ ناڻو ڪمائي چڪيون. آن تہ ڪمائيءَ جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، جنهن ۾ هن دليپ ڪمار کان ڪاسٽيوم رول ادا ڪرايو ۽ هڪ يهودي ڇوڪري جيڪا فلمن ۾ نادره جي نالي سان متعارف ٿي، تنهن کي هن جي سامهون هيروئن بنائي، ان فلم کي ان قابل بنايائين جو اها هڪ ئي وقت اردو، انگريزي ۽ فرانسيسي زبان ۾ رليز ٿي. ان جو انگريزيءَ ۾ نالو A Savage Princes يعني وحشي شهزادي يا خونخوار شهزادي آهي جيڪو فلم جي موضوع سان بلڪل ٺهڪي ٿو اچي. ٻئي طرف انداز ۾ ان دور جي ٻن وڏن نالن يعني دليپ ڪمار ۽ راجڪپور کي گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو ۽ هڪ ئي هيروئن، يعني نرگس سان، جيڪا ان کان اڳ دليپ سان تمام گھڻيون فلمون، ميلا، هلچل، انوکا پيار، انداز ۽ ديدار جهڙين مشهور فلمن ۾ ڪم ڪري چڪي هئي ۽ آن ۾ بہ هن کي ئي شهزادي جي رول لاءِ نامزد ڪيو ويو هو ليڪن بقول فلمي مورخن، ان وقت تائين هوءَ راجڪپور سان، آگ يا برسات ۾ ڪم ڪري، دليپ کان رخ موڙي راجڪپور ڏانهن لاڙو ڪائي چڪي هئي ۽ آن فلم کي ڇڏي ان وقت راجڪپور جي فلم آواره ۾ وڃي شامل ٿي هئي. ان وقت ڇو جو ڪنهن بہ فلم جو ڪو سين، ڊائلاگ يا ڳانو فلم ٺهڻ کان اڳ ظاهر نہ ڪيو ويندو هو. ليڪن بقول انهن مورخن جي

Gul Hayat Institute

نرگس آن جو خواب وارو سين چورائي راجڪپور کي ڏنو هئو جيڪو هن آواره ۾ نهايت ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ۽ ان جو هي گانو امر ٿي ويو:

گهر آيا ميرا پرديسي، آگ بجهي ميري اکين کي.

جڏهن ته آن جو خواب وارو سين بلڪل اثرائتو نه هئو. بهرحال اهي ڳالهيون پيا ٻڌندا هئاسين. دادا مشتاق چوندو هو ته آن ۽ آواره جا گانا اوستائين لڪايا ويا جيستائين اهي فلمون رليز نه ٿيون ۽ جڏهن اهي گانا ظاهر ٿيا ته هڪٻئي جي مقابلي جا هئا. آواره جو گانو "آواره هون" ته هندستان جي سرحدن مان نڪري روس به پهچي ويو ۽ آن جو گانو "دل ۾ ڇپا ڪي پيار ڪا طوفان لي چلي" اسان جي دلين ۾ پيار جو اهڙو طوفان پيدا ڪري ويو جو اجا به ان کي مڪمل طور ظاهر ڪري نه سگهيا آهيون. انداز جو هڪ دلچسپ واقعو آهي، جو فلم انداز ۾ جڏهن راجڪپور دليپ کي مٿي ۾ ريڪيٽ هڻي زخمي ٿو ڪري ته دليپ هڪ جملو پنهنجي خصوصي ڏيمي انداز ۾ ٿو ادا ڪري، جنهن کي ماڻهن اهو سمجهيو ته دليپ راجڪپور کي گار ڏني آهي ۽ اها ايتري ته مشهور ٿي جو منهنجي هڪ پروفيسر دوست عطاءَالله جلباڻيءَ جيڪو پڻ فلمن جو شوقين آهي ۽ پرين جي سيد مراد علي شاهه جو ڳوٺائي هئڻ ڪري هر هر هن جي فلمي شوقن جو ۽ پراڻا فلمي گانا ڳائڻ جو ذڪر پيو ڪندو آهي، تنهن مونکي چيو ته جڏهن راجڪپور دليپ کي زوردار ريڪيٽ هڻي زخمي ڪيو ته هن گار ڏيئي ڪڍيس. مونکي ان وقت به يقين نه آيو ڇو جو فلم ۾ ڪو اصلي ڌڪ ته هڻبو ڪونهي ۽ بيو ته دليپ فلم ۾ گار ڏئي ۽ اها فلمائجي وڃي ۽ ڊائريڪٽر ان کي ائين عوام ۾ پيش ڪري ته ائين ٿي نه ٿو سگهي. بهرحال اهو ڊائلاگ منهنجي ذهن تي حاوي رهيو ۽ جڏهن مون پيناسانڪ جو 7000 وي سي آر ورتو ته ان ۾ ڊائلاگ سلو موشن ۾ ٻڌڻ جو آپشن به هئو مون عطاءَالله کي پاڻ وٽ گهرائي ڪيس اهو ڊائلاگ سلو موشن ۾ ٻڌايو جيڪو هيئن هو:



Gul Hayat Institute

”پگلا راج ڪيا جاني اس ديپڪ ڪي جوت، پروانہ هوتا تو جل جاتا.“ هاڻ لفظ ديپڪ ڪي جوت کي دليپ جي انداز ۾ ٽڪرُو پر هلڪو ٻڌي ڪيترا ماڻهو ان کي هڪ گار سمجهي وينا. اها آهي دلچسپيءَ جي حد. پر نرگس دليپ ۽ راجڪپور جي وچ ۾ نفاق جو باعث بحرحال هئي. ان ڪري جو راجڪپور ۽ دليپ نہ صرف پشاور جا رهاڪو هئا پر ڪاليج ۾ بہ گڏ پڙهيا هئا ۽ بهترين دوست بہ هئا. ڪڏهن ڪڏهن دوستن جي دلين ۾ بہ وار جيترو ويڇو اچي ويندو آهي.

محبوب پروڊڪشن جي فلم شروع ٿيندي هئي تہ بيڪ گرائونڊ ۾ آواز ايندو هو:

مدعي لاک برا چاهي تو ڪيا هوتا هي،
وهي هوتا هي جو منظورِ خدا هوتا هي.

ٻئي طرف راج ڪپور (آر.ڪي) جي فلم جي شروعات ۾ پرٿوي راج کي ڀڳوان جي بت جي سامهون اشلوڪ پڙهندي ڏيکاريو ويندو هو.

محبوب جي انوکي ادا ۽ انمول گهڙي فلمون بہ امر فلمون آهن، جڏهن ڏسجن ٿيون يا انهن جا گانا ٻڌجن ٿا تہ ماڻهو تاريخ جي دري ٽپي ماضيءَ جي حُسن ۾ گم ٿيو ٿو وڃي.

انوکي ادا جو هي گانو:

ڪڀي دل دل سي ٽڪراتا تو هوگا،
انهين ميرا خيال آتا تو هوگا.

انمول گهڙيءَ جو:

آواز دي ڪهان هي، دنيا ميري جوان هو.

هي بي مثال گانا ماضي ۽ حال جي وچ هڪ اندلٽ جيان تعلق قائم ڪيو وينا آهن.

Gul Hayat Institute

محبوب سان گڏ ڪاردار جون فلمون بہ ڏاڍيون مشهور ٿيون. هو ميوزيڪل فلمون ٺاهيندو هو. دلاري، ياسمين، درد، دل لگي، جادو (جادو هئي تہ Laves of Craven جو چربو. بلڪ دلاري بہ مونکي چربو ئي لڳي هئي)، بلڪل انگلش ماحول، جڀسين جي دور جي ڪهاڻي لڳي هئي ليڪن انهن جا گانا ڇا چئجن، ان ڪانپوءِ دل لگي ۽ ديوانا، هنن فلمن جا گانا ڪمال جا هئا.

دلاري جو:

اي دل تجهي قسم هي، همت نہ هار نا،
دن زندگي ڪي جيسي ڀي گذرين گذارنا.

ياسمين جو:

دل ان ڪو ڍونڊتا هي، هم دل ڪو ڍونڊتي هين،
ڀٽڪي هوئي مسافر منزل ڪو ڍونڊتي هين.

درد جو گانو:

هم درد ڪا افسانا، دنيا ڪو سنائين گي،
هر دل مين محبت ڪي اڪ آگ لگا دين گي.

جادوءَ جو گانو:

گن گن تاري، مين هار گئي رات ڪو
هائي ميري سيان نہ آئي ملاقات ڪو.

ديوانا جو گانو:

تصوير بناتا هون، تيري خونِ جگر سي.

دل لگي جو گانو:

مرلي والي مرلي بجا، سن سن مرلي ڪو ناچي جيا.

Gul Hayat Institute

هُن جي سيني ڊائريڪٽ ڪيل فلمن ۾ ٻارنهن چوڏهن گانا هوند اهئا ۽ ڪوبہ ان ڳالهہ تي ڌيان ڪونہ ڏيندو هو تہ هيرو ڪير آهي يا هيروئن ڪير. سريش ڪان شيام تائين ۽ مڌوبالا، گيتا بالي، وجنتي مالا ۽

ثريا جهڙين اداڪارائن جي سونهن ۽ اداڪاري هڪ طرف پر گانا دلين ۾ برهہ جي باهہ هميشہ لاءِ جلائي ويا.

ٻئي طرف وي شانتارام جي ميوزيڪل فلمن هڪ نئون جهان ڏيکاري ڇڏيو. هونئن تہ هن جون تمام گهڻيون فلمون آهن پر پرڇائين فلم پنهنجي ڪهاڻي ۽ گانن جي ڪري وسارڻ جهڙي ئي ناهي.

محبت هي نہ جو سمجهي وه ظالم پيار ڪا جاني.
نڪلتي دل ڪي تارون سي جو هي جهنڪار ڪيا جاني.

هن فلم جو هڪ هڪ گانو ان دور جي ماڻهن جي دلين تي نقش هو. مون پهريون دفعو اها فلم پنهنجي مامي نبي بخش سان گڏ ايلائيٽ سئنيما ۾ ڏٺي هئي. اهو بہ عجيب دور هو. فردوس ۾ داغ فلم لڳل هئي، شمس ۾ دل لڳي ٻئي هلي پر اسين الهداد چنڊ جي ڳوٺ کان ٽانگي ۾ چڙهي نولراءِ مارڪيٽ جيڪا وڏي مارڪيٽ ڪوٺبي آهي، اتي ايلائيٽ سئنيما ۾ آياسين ۽ پرڇائين فلم ڏٺي سين. پوءِ تہ مون نہ ڄاڻان ڪيترا دفعا اها فلم ڏٺي. بابا سان گڏ بہ اها فلم شمس ۾ ڏٺم. بابا کي مٿي ڄاڻايل گانو ڏاڍو وڻندو هو. هن کي هڪ ٻيو گانو پاڪستاني فلم جو گانو ڏاڍو وڻندو هو:

نگاهين ملا ڪي بدل جاني والي،
مجهي تم سي ڪوئي شڪايت نهين هي.

اسان ۾ ايتري همت ڪانہ هئي جو هن کان پڇي سگهون تہ ڪيس اهو گانو ڇو ٿو وڻي، جو ان طرح اسين هن جي ماضيءَ ۾ داخل ٿي وڃون ها! جڏهن تہ ان وقت مائٽ ۽ اولاد جي وچ ۾ اهڙي بي تڪلفي ڪانہ هئي، جهڙي هاڻ آهي. جو هڪ ئي ڪمري ۾ پيءُ پٽ ۽ پوٽو جدا جدا پنهنجا موبائيل کوليو پنهنجي دنيا ۾ مست آهن.

وي شانتارام جي ٻي فلم جيڪا تمام گهڻو مشهور ٿي اها هئي ”دو آنکين باره هاٿ“ هن فلم جو موضوع بہ انوکو هو. اداڪارن ۾ خود وي

Gul Hayat Institute

شانتارام، جنهن پرڇائين ۾ پڻ ڪم ڪيو هو ۽ هيروئن سنڌيا هئس. فلم جي اسٽوري هڪ اهڙي پوليس انسپيڪٽر جي باري ۾ آهي جيڪو سرڪار کان اجازت ٺي وٺي ته سخت ڏوهن ۾ سزا يافته ڪجهه قيدي هن کي ڏنا وڃن ته جيئن هو انهن کي سڌاري سٺو شهري بنائي سگهي.

هن فلم جو هڪ ڀڄن ته ڏاڍو مشهور ٿيو:

اي مالڪ تيري بندي هم،
ايسي ڪردي هماري ڪرم،
ڪ بدي سي بچين،
اور هنستي هوئي نڪلي دم.

هن پوءِ ڪئين رنگين فلمون به ٺاهيون جنهن ۾ نورنگ، جهنڪ جهنڪ پائل باجي، جل بن مڇلي، صحرا وغيره. جن جا گانا ته زبردست هئا پر انهن ۾ ڊانس جا بي مثال نمونا پيش ڪيل هئا. بهرحال وي شانتارام ۽ جي شري جي فلم پرڇائين هڪ بي مثال فلم آهي. هندستاني معاشري ۾ جتي هڪ زال هوندي بي شادي ڪرڻ منع ٿيل آهي، اتي وي شانتارام جي شري جي هوندي ئي ٻي شادي سندس فلمن جي ڊانسر ۽ پوءِ هيروئن سنڌيا سان ڪئي، اهو به هن شخص جي رومانوي طبيعت جو ڪمال هو.

هنن ڊائريڪٽرن جي درميان گرو دت هڪ اهڙو فلمي هدايتڪار ۽ اداڪار ٿي گذريو، جنهن عمر ته گهٽ ماڻي پر بازي، جال، باز، پياسا، ڪاغذ ڪي ڦول، چودوين ڪا چاند، صاحب بيبي اور غلام ۽ مسٽر اينڊ مسز 55 جهڙيون بي مثال فلمون ڏئي ويو جن جون ڪهاڻيون، گانا سڀ بي مثال هئا. خديجا اڪبر مڌو بالا جي بايوگرافيءَ ۾ دليپ سان هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو آهي ته، ”دليپ بمل راءِ جي ”ديو داس“ ۽ گرو دت جي فلم ”پياسا“ جو ذڪر وڏي اتساهه سان پئي ڪيو. جال ۽ بازي ۾ هيرو ديو آنند هو. ديو هن جو تمام گهرو دوست به هئو. پياسا، باز، ڪاغذ ڪي ڦول

Gul Hayat Institute

۽ مسٽر مسز 55 ۾ هيرو هو پاڻ هو. جال ۽ بازيءَ ۾ ديو آنند هو. انهن جا گانا تہ اڄ سوڌو مشهور آهن. جنهن ۾:

يہ رات يہ چاندني ڦر ڪهان،
سن جا دل ڪي داستان.

هيمنت ڪمار ۽ لتا جي ڳايل هن گاني جو ڪو جواب ڪونهي. اڃا ڪجهہ ڏينهن اڳ منهنجو ننڍو پوٽو الهبچايو جيڪو رات جو منهنجي پير ۾ ويهي موبائيل تي ڊرامو ڏسي رهيو هو ۽ مون موبائيل تي اهو گانو پئي ٻڌو تہ هڪدم چيائين، اهو گانو ڪنهن جو آهي؟ ٻڌايومانس تہ چيائين، "مونکي واٽس ايپ تي ڏيو." آئون حيران ڪون تيس جو هي گانو موسيقي، آواز ۽ لفظن جو اهڙو تہ گلدستو آهي جيڪو هر عمر ۽ جنس جي ماڻهن کي پنهنجو ڪري سگهي ٿو.

گُرو دت جلد ئي دنيا مان هليو ويو. چون ٿا تہ خودڪشي ڪري ڇڏيائين پر جي زنده هجي ها تہ فلمي دنيا ۾ وڏو مقام ماڻي ها. هن جون سماجي موضوعات تي ٺاهيل فلمون چوڏوين ڪا چاند ۽ صاحب بي بي اور غلام باڪس آفيس تي ناڪام ثابت ٿيون. اهو بہ هن جي دل ٽٽڻ جو سبب هو ورنہ هو بہ بمل راڻي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي ها، جنهن ديوداس، مڌو متيءَ ۽ دو بيگهي زمين جهڙيون فلمون ٺاهي پنهنجو سڪو مڃارايو.

روپ ڪي شوري جون فلمون بہ هن دور ۾ ڪامياب ٿيون. خاص ڪري مينا شوريءَ سان ٺاهيل ٽي فلمون ايڪ ٿي لڙڪي، ڍولڪ ۽ ايڪ دو تين تہ ان وقت پسنديدگيءَ جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. اهي فلمون مزاحيہ بہ هيون تہ موسيقي ۽ گانا بہ لاجواب ـ فلم ڍولڪ ۾ هيرو اجيت آهي باقي ٻنهي فلمن ۾ موتي لعل هيرو آهي. جيڪو صرف ڪهاڻيون مزيدار هجڻ جي ڪري ڪامياب ٿي ويو. مينا پوءِ شوريءَ سان شادي ڪري ڇڏي پر جڏهن مينا شوري پاڪستان هلي آئي. هتي هن اداڪار اسد سان شادي ڪئي، هن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو آهي تہ شوري هن کان عمر ۾ تمام وڏو هو پر چو جو ساڻس تمام گهڻو پيار ڪندو هو ۽ هوءَ بہ سندس



Gul Hayat Institute

هي بي مثال ۽ لازوال گانا ڪنهن وقت ڪراچيءَ کان اوڀاوڙي تائين هر طرف پيا گونجندا هئا. حيدرآباد ۾ ڏومڻ واهه تي گلشن هوٽل هلندي ئي، انهن گانن جي ڪري هئي.

انهيءَ دور ۾ راجڪپور جي R.K فلمز شروع ٿيون. فلم آگ ۾ پريم ناٿ ۽ نرگس سان گڏ ڪم ڪري هو نالو ته ڪمائي چڪو هو. خاص ڪري بهزاد لکنويءَ جي گانن هن فلم کي ڏاڍو مشهور ڪيو.

زنده هون اس طرح ڪه غم زندگي نهين،
جلتا هوا ديا هون مگر روشني نهين.

—

ڪاهي ڪوئل شور مچائي ري
ميرا اپنا ڪوئي ياد آئي ري

هي گانو مائي جيوڻيءَ جي ڳايل گيت: "ڏاچي واليا موڙ مُهار وي" جي ڌن تي ٺاهيل هئو. سائين مرزا حبيب الله چوندو هو ته "خادم اهو راڳ پيرويءَ تي ٺهيل گانو آهي." پر منهنجي لاءِ اهو شمشاد جي آواز ۾ ڳايل هڪ خوبصورت درد ڀريو گيت هئو. آر.ڪي فلمز آگ، برسات ۽ آواره کان پنهنجون فلمون شروع ڪيون ۽ تمام گهڻيون خوبصورت فلمون ٺاهيون، جن ۾ سنگم ۽ ميرا نام جوڪر ڌرم ڪرم جهڙيون فلمون به هيون جيڪي راجڪپور ۽ نرگس جي وڇوڙي کان پوءِ ۽ راجڪپور جي لاڏاڻي کان پوءِ به رنڌير ڪپور، رشي ڪپور، ششي ڪپور ان اداري کي هلائيندا رهيا.

R.K اسٽوڊيوز تمام گهڻو جٽاءُ ڪيو. بوبي، سنهري دن، داستانا وري نين، آه، شري 420 کان وٺي سنگم، ميرا نام جوڪر، تيسري قسم، رام تيري گنگا ميلي، حنا تائين بهترين فلمون هن اداري ڏنيون. هن جي خاص ڳالهه اها هئي ته ان ۾ رشي ڪپور سان پاڪستان جي هڪ وڏي وڪيل يحيٰ بختيار جي ڌيءَ زيبا بختيار ڀهريون دفعو فلم ۾ ڪم ڪيو

Gul Hayat Institute

۽ فلم ڪاميابيءَ ۾ پنهنجي اداري جا رڪارڊ ئي ٽوڙي ڇڏيا. هن اداري ستر کان مٿي فلمون ٺاهيون جيڪي وساري نہ ٿيون سگهجن. جيستائين راجڪپور زنده هو ۽ هلڻ ڦرڻ جهڙو هو تہ گوپيچند، جاسوس، دو جاسوس جهڙين فلمن ۾ ڪم بہ ڪيائين، ليڪن هن پنهنجي اداري جو معيار ڪرڻ نہ ڏنو. هن جي لفظن ۾ تہ هو تصويرون ٺاهن ٿا ۽ ماڻهن جا درد لاهي ٻئي جي ڏک سک ۾ شرڪت جو احساس بہ جاڳائين ٿا تہ هنن کي تصويرن ذريعي سبق ۽ تفريح بہ فراهم ٿا ڪن. اها تفريح ۽ سبق هاڻ اسان جي غيرنصابي سرگرمين مان نڪري وئي آهي.

*

هندستان جي فلمي ڊائريڪٽرن ۽ اداڪارن جو ذڪر ڪجي ۽ سهراب مودي جو ذڪر نہ ڪجي اهو ممڪن ناهي. سبراه مودي جيڪو هڪ پارسي هو ۽ بنيادي طرح ٿيئٽر جو اداڪار هو. هن منروا مووي ٽون نالي اداري ۾ تمام گهڻيون سنيون تاريخي ۽ سماجي فلمون ٺاهيائين.

تاريخي فلمن ۾ "سڪندر"، "جهانسي کي راني" ۽ "پڪار" هن جون اهي شاهڪار فلمون آهي، جيڪي اڄ بہ ڏسبيون تہ هالي ووڊ جي فلمن جي مقابلي جون لڳنديون. سڪندر فلم ۾ پرٿوي راج کي سڪندر جو رول ڏنائين، جيڪو ان وقت جوان بہ هئو تہ حسين بہ ۽ ڪي اين سنگهہ توڙي مينا شوري، جنهن جي اها پهرين فلم هئي تن سان گڏ پاڻ بہ راجا پورس جو رول ادا ڪيائين. سڪندر جا ڊائلاگ ۽ فلمبندي لاجواب هئي، هن جڻ هندستان جي تاريخ جا هزارين سال پراڻا ورق واپس ورائي پيش ڪيا هئا. خاص ڪري هاٿين واري جنگ تہ لاجواب هئي. هيءَ فلم بابا کي ڏاڍي وڻندي هئي ۽ هو ڪڏهن ڪڏهن ان جو گانو جهونگاريندو هو.

زندگي هي پيار سي پيار سي گذاري جا،
حسن ڪي حضور مين اپنا سر جهڪائي جا.



Gul Hayat Institute

ان سان گڏ پڪار جهڙي شاندار فلم ٺاهيائين جنهن ۾ چندر موهن ۽ نسيم بانوءَ ڪم ڪيو هو ۽ ان جو هي لازوال گانو اڄ به وسارڻ جو ناهي:

زندگي ڪا ساز بهي ڪيا ساز هي،
بج رها هي اور بي آواز هي.

هن وڪٽرو هيوگو جي مشهور ناول ”دِي مزريبل“ تي به هڪ فلم ”ڪندن“ نالي ٺاهي هئي جنهن ۾ هن پاڻ نمي ۽ سنيل دت لاجواب اداڪاري ڪئي هئي. هي ناول مرزا قليچ بيگ به ترجمو ڪيو آهي. هن منسٽر، راج هٺ، اجي بس شڪريه، جيلر ۽ ٻيون ڪيتريون ناليواريون فلمون ٺاهيون ۽ پاڻ به انهن ۾ اداڪاري ڪيائين. مونکي آخري دفعو هو ڪمال امروهي جي فلم رضيه سلطان ۾ نظر آيو پر هن جي ياد دل تي اٽمٽ نقش ڇڏيا آهن.

*

فلمي دنيا اهڙي آهي ڪانه جهڙي فلمن ۾ نظر ٿي اچي. اتي به اداڪار محنت مزدوري ڪري پنهنجو پيٽ قوت ٿا حاصل ڪن. عام ماڻهن وانگر جيئن ٿا ۽ عام ماڻهن وانگر ئي رهن ٿا. جي انهن چلڪندڙ ڇهرن ۽ رنگارنگي نظارن کي ڪيميره ڪان جدا ڪري ڏسو ته ان ۾ به ڪئين مزيدار ۽ ڪئين درد ڀريا داستان نظر ايندا، جن سان هر ڪنهن جو روزمره جي زندگيءَ ۾ واسطو پوي ٿو. ڪي ڪي واقعا ته ڏاڍا مزيدار پر عبرتناڪ به ٿين ٿا.

اشوڪ ڪمار جي ڀهرين فلم ”جيون نيا“ ۾ ڪم ڪرڻ وارا واقعا به گهڻ مزيدار ڪونهن. هي فلم بمبئي ٽاڪيز جي مالڪ هانشو راءِ ٺئي ٺاهي، جنهن ۾ سندس زال اداڪاره ديويڪا راڻي هيروئن ۽ ان وقت جي هڪ وڏي اداڪار نجم الحسن سيد هيرو طور ٺئي ڪم ڪيو پر شوٽنگ دوران ئي ٻئي اتان ڀڄي نڪتا ۽ ڪلڪتي پهچي ويا. هن ڳالهه هانشوراءِ کي تڪليف ته ڏاڍي ڏني ليڪن هو وڃي زال کي واپس وٺي آيو پر ان

Gul Hayat Institute

شرط سان تہ هاڻ ان فلم ۾ نجم الحسن ڪم نہ ڪندو. ان ڪانپوءِ هن ڪنهن مناسب اداڪار جي تلاش ڪئي جيڪو منهن مهانڊي جو بہ ٺيڪ هجي ۽ اهڙو نہ هجي جو مورڳو سندس زال کي ئي ڀڄائي وڃي. هن جي نظر بمبئي ٽاڪيز جي هڪ ٽيڪنيشن تي پئي، جيڪو بنگالي هو ۽ خاموشيءَ سان ڪم ڪرڻ وارو سنجيده نوجوان بہ. هن جو نالو اشوڪ ڪمار گنگولي هو.

اشوڪ ڪمار فلم ۾ ڪم ڪرڻ جو ٻڌي هڪدم ناڪار ڪئي ۽ چيائين تہ هن کي فلم ۾ اداڪاري جو ڪو شوق ڪونهي، پيو تہ ان وقت سندس مائٽ هن لاءِ رشتو تلاش ڪري رهيا هئا، هنن کي جي خبر پوندي تہ هو ڪاوڙجي پوندا. ڇو جو هنن جي خيال ۾ فلم ۾ ڪي چڱا ماڻهو ڪم ڪونہ ڪندا آهن.

اهو ٻڌي هانشوراءِ چيس تہ، ”منهنجي زال بہ فلم ۾ ڪم ڪري ٿي، تہ ڇا اسين بہ ڪم ذات ٿي وياسين.“ اهو چئي هن کي فلم ۾ هيرو بنائي ڇڏيائين. ليڪن اشوڪ ڪمار جو اهو حال هو جو جڏهن شوٽنگ لاءِ سيٽ تيار ٿيو تہ چيائين، ”سائين اهو ڏسو متان مونکي ڪنهن عورت يا ڇوڪريءَ کي ڇهڻ لاءِ چئو يا ڀاڪر وغيره لاءِ. اهو مونکان ڪڏهن ڪونہ ٿيندو.“ وري جو سندس پيٽوپيو سڏاور بہ ٽيڪنيشن هو هن ان جي سامهون اداڪاري کان انڪار ڪري ڇڏيو.

بهرحال پهرين ڏينهن شوٽنگ ۾ ايندي هن کي ڪيئن سال اڳ ڪلڪتي ۾ ڏٺل هڪ ٿيئٽر جو هيرو جو هيروئن کي ڀاڪر پائڻ وارو سين ياد اچي ويو جنهن ڪري پگهر نڪري آيس، هن پوءِ فرسٽ شوٽنگ جون وڏيڪ ڳالهيون هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايون تہ ڪيئن ديويڪا راڻي جي ڳچيءَ ۾ پيل سونو نيڪليس ڏسي هو گهبرائجي ويو هو ۽ ديويڪا کي ڇهڻ کان گهبرائي ٿاٻڙجي پيو هو جنهن جي ڪري ديويڪا بہ ڪري پئي. سندس نيڪليس ڳچيءَ مان پٽ تي ڪري پيو. ٻئي طرف اشوڪ گهبرائي ڊوڙي ٽوائليٽ ۾ وڃي لڪو.



Gul Hayat Institute

ٿورو اڳتي ٿئي هڪ سين ۾ هن کي دريءَ کان ٽپو ڏيڻو هو ته جيئن ديويڪا کي ولين کان بچائي سگهي. ڊائريڪٽر هن کي چيو ته تون ڏهن تائين ڳڻي پوءِ ٽپ ڏجان. اشوڪ کي ڏهن تائين ڳڻڻ وسري ويو ۽ اڳواٽ ٽپ ڏنائين ته ولين جي مٿان وڃي ڪريو جيڪو هن آفت لاءِ اجا تيار ڪونه هئو ۽ ڏڪي اچڻ ڪري ٽنگ ڀڄي پيس.

هاڻ سيني کي پڪ ٿي ته هن ماڻهوءَ کان اداڪاري ڪانه ٿيندي ليڪن هانشوءَ همت نه هاري ۽ هن کي چيائين، "پرواهه ناهي تو ته ولين جي هڪ ٽنگ ئي ڀڃي ڇڏي" ائين هن شرميلي انسان اڳتي هلي ڪئين فلمن ۾ عمدي اداڪاري ڪئي ۽ هيرو کان ڪيريڪٽر رول تائين هر رول ۾ ڪامياب رهيو. نه صرف ايترو پر هن ديو آنند ۽ نلني جيونت جهڙن ڪيترن ڪامياب اداڪارن کي به فلم انڊسٽريءَ ۾ متعارف ڪرايو.

هن فلم جي افتتاحي شو ۾ هن جي گواليار جي راجا سان به دوستيءَ ٿي ته ڪيس اها به خبر پئي ته هن ۾ اداڪاري جا گڻ آهن. سعادت حسين منٽو اشوڪ ڪمار جي باري ۾ لکيو آهي ته، "مون اشوڪ جون گهڻ فلمون ڏٺيون آهن پر مونکي ائين ٿو لڳي ته ديويڪا راني اداڪاري ۾ هن کان گهڻو مٿي هئي."

اشوڪ ڪمار جو سچو نالو اشوڪ ڪمار گنگولي هو ليڪن هانشوراءِ هن جي نالي مان گنگولي لفظ ڪيرائي ڇڏيو ۽ چيائين ته فنڪار کي ڪنهن ذات يا ڌرم لاءِ نه پر سيني انسانن لاءِ تفريح فراهم ڪرڻي آهي. پوءِ به ڪيترا ٻيا اداڪار به جن ۾ دليپ ڪمار، پرديپ ڪمار، راجڪمار وغيره 'ڪمارن' جي لسٽ ۾ شامل آهن ۽ ثابت ڪيو اٿن ته فنڪار مذهب، رنگ ۽ نسل جي پيد ياءُ کان پري رهي ئي انسانن جو من موهي ٿا سگهن.

❊

Gul Hayat Institute

Nitin Bose پنهنجي ڪتاب اي هسٽري آف باليوڊ ۾ هڪ نهايت دلچسپ واقعو لکيو آهي ته:

”مغل اعظم جي رليز ٿيڻ واري وقت هندستان جو مشهور صحافي جمي مهتا لنڊن وچي رهيو هو. هن جي فلائيٽ برٽش ايئرويز جو روٽ ڪراچي —ڪيرو-لنڊن هو. هن ڪي سندس سهري چيو ته جي هو ڪراچيءَ ۾ ترسڻ دوران اتان جي وزيرِ خارجه ذوالفقار علي ڀٽو سان، سندس حوالي سان ملي وٺي ته شايد هو مغلِ اعظم جي پاڪستان ۾ نمائش جو به ڪو بندوبست ڪري ڏي. جمي مهتا به ڀٽي صاحب جو ذاتي دوست هو. هن هڪدم ڀٽي صاحب کي فون ڪيو ۽ کيس پنهنجي خواهش ٻڌائي، جنهن جي نتيجي ۾ جڏهن هن جو جهاز ٻن ڪلاڪن لاءِ ڪراچيءَ ۾ ترسيو ته ڀٽو صاحب پاڻ ايئرپورٽ تي هن کي وٺڻ آيو ۽ پنهنجي گهر وٺي ويس، جتي هن جي خوب خاطر تواضع ڪيائين. اتي هن پڇيس، ”ٻڌاءِ ڀلا ڪيئن آيو آهين؟“ هن جواب ڏنس، ”وچان ته لنڊن پيو پر منهنجي سهري هڪ رڪئيسٽ ڪئي آهي ته مغلِ اعظم کي پاڪستان ۾ نمائش جي اجازت ڏيو. ان طرح ٻنهي ملڪن جي عوام کي هڪٻئي کي سمجهڻ ۾ سهوليت به ملندي.“ اهو ٻڌي ڀٽو صاحب ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چيائين، ”ڪڏهن به نه، هڪ هزار سال به نه. آءُ اهو ڪڏهن به ٿيڻ ڪونه ڏيندس.“

هن لکيو آهي ته ڀٽي صاحب جو چهرو اهڙو ٿي ويو جو مون کي اچي ڊپ لڳو ۽ آءُ ڊوڙندو ڊوڙندو بنگلي مان ٻاهر نڪري وچي ڪار ۾ ويٺس ۽ ايئرپورٽ تي پهچي سُک جو ساهه کنيم. ٻئي طرف اپريل 2006 ۾ پاڪستان حڪومت هن فلم کي نمائش جي اجازت ڏني، ڇو جو هن ۾ اسلام جي خلاف ڪابه ڳالهه نه هئي. هي فلم لاهور جي تاج محل سئنيما ۾ ڏيکاري وئي.

❊



Gul Hayat Institute

ننڍپڻ ۾ جڏهن اسين ڪيپٽن مارول، ڪيپٽن امريڪا ۽ ٽارزن جي ڪارنامن واريون 25 پارٽن جون سيريل فلمون ڏسڻ لاءِ قيصر، نور محل ۽ نيو مئجيسٽڪ سئنيمائن جي ٻاهران ڊگهين قطارن ۾ بيهي ٽڪيٽون وٺندا هئاسين اُت ناديا ۽ جان ڪائوس جون سيريل فلمون به ڏسندا هئاسين. خاص طور جڏهن بابا جي رٽائرمينٽ کان پوءِ حيدرآباد اچي رهياسين ته اتي منهنجا ماسات نجمي ۽ ظفر سؤٽ آفتاب، نياز سان گڏ اهي ڏٺل فلمون ڪڏهن نه وسرنديون، جيڪي اسان کي هن دنيا مان ڪڍي هڪ عجيب طلسمي ماحول ۾ پهچائي ڇڏينديون هيون. اهڙو ئي مزو مڏو بالا ۽ پريم ناٿ جي فلم ساقيءَ ۾ به آيو هئو جنهن ۾ سنڌي اداڪار گوپ، ’جن‘ جو تمام مزيدار رول ادا ڪيو هو. اهڙي ئي ٻي فلم الف ليله جنهن جو ذڪر آءُ اڳ ڪري چڪو آهيان، جنهن ۾ ڪالي گهٽا واري هيروئن آشا ماٿر ۽ وجي ڪمار سان گڏ گوپ به آهي. اها ڏسڻ لاءِ اسان شاليمار سئنيما ۾ اڳواٽ بڪنگ ڪرائي ڇڏي هئي ۽ عيد جي ڏينهن هالا پراڻا ۾ عيد نماز پڙهي آءُ ۽ آفتاب خاص اها فلم ڏسڻ لاءِ چاچا غلام قادر سان، بس ۾ چڙهي آيا هئاسين. هن فلم جا گانا به ساقي فلم جي گانن وانگر ڏاڍا سٺا هئا. خاص طور:

- ڪيا رات سهاني هي
- ڪڙا هون دير اميدوار ديک تو لي
- خاموش ڪيون هو تارو اميد ڪي سهارو
  تم هي انهين بلائو تم هي انهين پڪارو
- تجهه ڪو ڀلانا ميري بس نهين هي

هتي هڪ ڳالهه ضرور ڪندس ته هندستان جي فلمن ۾ گوپ کي تمام گهٽين فلمن ۾ ڪم ڪندي ڏٺوسين. مرزا صاحبان، باره دري، ساقي، آرزو، ترانا، پتنگا، مٿيون به ڄاڻايل فلمون، بازار، مستانه، سگائي، چوري چوري، پگڙي، دوسري شادي، خزانه، آرزو، ڪالي گهٽا، گهر ڪي عزت ۽ هڪ طويل لسٽ آهي جنهن ۾ هن مزاحيه توڙي ولين جا رول ادا ڪيا ۽

Gul Hayat Institute

انهن جو اثر اڄ تائين دل تان نہ لٿو آهي. مون اڳ بہ لکيو آهي تہ گوپ ڪملاڻي بابا جو ڪلاس ميٽ هو. تنهنڪري بابا هن جون فلمون ڏاڍي شوق سان ڏسندو هو. ليڪن حيرت آهي تہ هندستان مان سنڌي فلمن بابت لکيل ڪتاب ۾ گوپ جي فلمن جي لسٽ ۾ ”ساقي“ فلم جو ذڪر ڪونهي. هن ان فلم ۾ جن ۽ انسان جو رول ادا ڪيو آهي ۽ هڪ مزيدار گانو پڻ ڳايو آهي:

حسينہ سنبهل سنبهل ڪي چل، پڙ نا جائيِ قمر مين بل

بهرحال ان دور ۾ مزاحيہ اداڪارن ۾ گوپ تہ ڊانسر طور ڪڪو تمام گهڻو نظر ايندا هئا. هي اهو دور هو جڏهن فلمن ۾ فحاشي يا غلط لفظن جو استعمال ڪونہ ڪيو ويندو هو. اهو خيال رکيو ويندو هو تہ ”ڪيل“ يعني فلم ننڍا ۽ وڏا، مرد توڙي عورتون،ا مير توڙي غريب، سڀ ڏسن ٿا تنهنڪري انهن ۾ هڪ لحاظ کان اخلاقي ۽ سماجي درس هجڻ ضروري آهي. انهيءَ مان ئي اندازو لڳايو تہ هڪ مشهور فلمي ليکڪ Mihir Bose لکي ٿو تہ ”مهاتما گانڌيءَ کي فلمون پسند ڪونہ ايندیون هيون پر هو چوندو هو تہ ”انهن ۾ جو جو سماجي اخلاقيات ۽ نيڪيءَ جي بديءَ تي فتح ڏيکاري ٿي وڃي، تنهنڪري انهن جي اهميت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي.“

اهو وقت هو جڏهن فلم ۾ ڪو شادي جو سين ڏيکاريو ويندو هو تہ صرف بتي بند ڪرڻ ئي ڏيکاري ويندي هئي. حالانڪہ اها وري اسان جي دل ۾ هورا ڪورا مچائيندي هئي تہ گهوٽ ۽ ڪنوار بتي بند ڪري ڇا ٿا ڪن!؟ تڏهن بہ شادي رات جو ڪلم ڪلا بيان نہ ڪيو ويندو هو. بلڪ عشق جو اظهار ئي گهڻو وقت ۽ گهڻا لفظ وٺي ويندو هو. مشهور اداڪاره وحيده رحمان هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو تہ ”اسان جي وقت ۾ هيرو ڪڏهن بہ گهٽ لفظ ۾ کليو عشق جو اظهار نہ ڪندا هئا جڏهن تہ هاڻ گفتگو ئي بيڊ روم جي ذڪر سان ٿي ٿئي.“

Gul Hayat Institute

هن دور ۾ ڪي انگريزي فلمون اهڙيون ايندڙيون هيون جن جي اشتهار ۾ لکيل هوندو هو "صرف بالغن لاءِ" هي صرف بالغ ئي ڏسي سگهندا هئا. مونکي هڪ فلم "باب اينڊ سيلي" ياد آهي جيڪا صرف بالغن لاءِ هئي ۽ اسين چاهيندي به نه ڏسي سگهياسين. باقي سئنيما تي رش ڏاڍي ڏٺيسون. پوءِ ته جيڪا به فلم ڪامياب ڪرڻي هوندي هئي ان لاءِ بورڊ تي لکي ڇڏيندا هئا "بالغان ڪي لئي".

اهڙي ئي فلم "پيٽن پليس" آئي جيڪا فردوس سئنيما ۾ لڳي هئي پر بالغان لاءِ لکيل هجڻ ڪري مان نه ڏسي سگهيس ۽ هاڻ يوٽيوب تان ڊائون لوڊ ڪري ٽي وي تي ڏٺم. واقعي اهڙيون فلمون ڪچڙي ذهن وارن ٻارن لاءِ ٺيڪ ناهن. ائين جين سائمز جي فلم "بليو ليگون" به ڏٺي هئم، جنهن ڪيتريون راتيون ننڊ ئي ڦٽائي ڇڏي هئي.

ڪسنگ ته انگريزي فلمن ۾ جام هوندي هئي. ڊانس ۽ ڪس نه هجي ته اها فلم انگريزي ٿي ئي ڪانه. هونئن به ديويڪا راني واري دور ۾ هندوستاني فلمن ۾ به ڪسنگ ڏيکاريندا هئا پر پوءِ ان تي خودبخود هدايتڪارن پابندي وجهي ڇڏي. باقي انگريزي فلمن جا خاص ڪري مائوٿ ڪس، مشهور اداڪار راڪ هڊسن جي ايڊز بيماري جي ڪري موت سبب بند ٿي وئي ڇو جو ڊاڪٽرن جو پهرين اهو رايو هو ته ايڊز جسماني ميل ۽ چمين مان به وچڙي ٿي. ان ڪري ڪافي وقت انگريزي فلمون به ڦڪيون ڦڪيون لڳنديون هيون.

هاڻ سيريل فلمن جي ته پڄاڻي اچي چڪي آهي، ليڪن ٽي وي تي هائو دي ويسٽ واز ون (How the West was won)، شوگن (Showgun) ۽ گيٽ سمارٽ (Getsmart)، سيون ملين ڊالر مئن ۽ بي واچ (Bay Watch) جهڙيون سيريل فلمون ڏاڍيون مقبول ٿيون هيون.

❊

مون جڏهن کان فلمون ڏسڻ شروع ڪيون تڏهن کان جن فلمي اداڪارن مون کي متاثر ڪيو انهن ۾ اشوڪ ڪمار، دليپ ڪمار، ديو

Gul Hayat Institute

آنند، ڪشور شاهو جنهن جي خاص فلم ”ڪالي گهٽا“ ته اڃا تائين مون وٽ محفوظ آهي. ورنه بزدل ميور پنکهه گائيڊ ۽ ٻيون ڪافي فلمون هن ناهيون ۽ اداڪاري به ڪيائين. ٻئي طرف وي شانتا رام جون فلمون جن ۾ پرڇائين، دو آنکين بارا هاٿ ته وڏيون پر هن جي اداڪاري نه وڻيم، ڪشور ڪمار به مون کي وڻندو هو جهڙي اداڪاري هن هاف ٽڪيٽ (ڪاپي) چلتي ڪا نام گاڙي، ياڻي ياڻي، مسافرخانه، دلي ڪا چور ۽ مينا ڪماري سان هن جي فلم الزام، جيڪا مون 1955ع ۾ سيوهڻ ۾ لال شهباز جي ميلي ۾ رات جو کلئي آسمان هيٺان پروجيڪٽر تي ڏٺي هئي، اها زبردست هئي، ڪشور ڪمار جا مزاحيه ايڪشن ڪمال جا هوندا هئا. ان کان سواءِ پارت پوشن، جنهن ٻيجو باورا سان پنهنجو ڪامياب فلمي سفر شروع ڪيو. پوءِ سهاڳ رات، چمپاڪلي، گيٽ وي آف انڊيا، مينار، ڦاگن، برسات کي ايڪ رات ۽ ٻيون ڪيتريون فلمون ڏٺم پر ياد رڳو ٻيجو باورا تي پوي، ڇو جوان فلم جي ڪهاڻي دلچسپ هئي، موسيقي به نوشاد جي هئي ۽ مينا ڪماري هيروئن هئس ۽ گانا سڀ بهترين هئا. ٻئي طرف گرودت هڪ ڪلاس جو اداڪار هو. لاجواب فلمون ناهيائين ۽ فلمي دنيا کي هڪ نئون انداز به ڏئي ويو. ڪاغذ کي پهول، پياسا، بازي، صاحب بيبي اور غلام، چوڏوين ڪا چاند، باز ڪشتي مسٽر ۽ مسز 55_ فلمون هن کي ياد رکڻ لاءِ ڪافي آهن. اداڪار راجڪمار به ڏاڍو مشهور ٿيو. دل اپنا اور پريت پرائي، هير رانجها کان دليپ سان گڏ سوداگر ۾ به ڪم ڪيائين، پر خبر ناهي مونکي ڇو نه وڻيو. آواز البته سٺو هوس.

پرديپ ڪمار جون تمام گهڻيون فلمون ڏٺم. مڌوبالا کان وٺي وجنتي مالا تائين ڪيترين هيروئن سان ڪم ڪيائين. خاص ڪري شيرين فرهاد، تاج، زندگي يا طوفان، تاج محل، ناگن جهڙين فلمن ۾ هن تمام سٺو ڪم ڪيو، چوندا هئا ته هڪ بنگالي ٿي ڪري اهڙي سٺي اردو زبان ۾ ٻيو ڪو اهڙو ڪم نه ڪري سگهندو هو.

موتي لال جيڪو شوڀنا سمرٿ سان فلمن ۾ آيو. تنهن نرگس ۽ ميناشوري سان به گڏ ڪم ڪيو. ديوداس ۾ به دليپ ڪمار جي دوست



Gul Hayat Institute

جي روپ ۾ ڪامياب رهيو ته اناڙي ۾ نوتن جي چاچي جي رول ۾ ڪم ڪيائين ۽ راج ڪپور سان مقابلو ڪيائين. هن جي فلمن ۾ مسٽر سمپت، ايڪ ٿي لڙڪي ۽ ايڪ دوتين ڏاڍيون ڪامياب ٿيون. جيڪي مزاحيه هيون ليڪن مستانه فلم ۾ مزو نه آيو. حالانڪ اها به مزاحيه فلم هئي ۽ گوپ جو به ساٿ هوس.

اجيت، جيڪو پشاور جو حامد علي خان نالي پٺاڻ اداڪار هو اهو بارادري، هلاڪو خان بارات، بي قصور، ڍولڪ ۽ ناستڪ فلمن ۾ مقبول ٿيو ۽ پوءِ مغل اعظم ۾ دليپ ڪمار جي دوست جي حيثيت ۾ شاندار اداڪاري ڪيائين. اهو به اسان ڪي وڻندو هو. ان کان اڳ شيام جون فلمون بازار ــ پتنگا، مينابازار، ڪنيز ۽ شبستان (جنهن ۾ هُو شوٽنگ دوران گهوڙي تان ڪري مري ويو هو) سپ ڏنم، هن جي فلمن جي ڪاميابي هن جي اداڪاري تي نه بلڪ دلچسپ ڪهاڻين جي ڪري هئي. شيام سعادت حسن منٽو جو دوست هو شيام جا پران ڪلديپ ڪور سان ويجها ناتا هئا، جنهن جو دلچسپ داستان منٽو پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ڪيو آهي، جڏهن هُو گڏيل هندوستان واري دور ۾ لاهور ۾ رهندا هئا ۽ شامون ڪافي هائوس ۾ فليش ڪيڏندي گذرنديون هئن. بهرحال هيءُ اداڪار وڏيڪ جي نه سگهيو.

هن کان اڳ پريم اديب، ايي ڀٽ اچاريه، سريندر ۽ ڪيترين فلمن ۾ سهگل به هيرو ٿي آيا. ان وقت پلي بيڪ سسٽم ڪونه نهيو هو. تنهنڪري اداڪار لاءِ سريلو هئڻ به لازمي هو. اشوڪ ڪمار به ان بنياد تي بمئي ٽاڪيز ۾ پرتي ٿيو هو. هي سپ آهي هيرو هئا جن جو اسان جي زندگيءَ تي وڏو اثر پيو، خاص ڪري دليپ ڪمار، راجڪپور ۽ ديو آنند. ته ڇڻ پنهنجا ويجها عزيز لڳندا هئا، انڪري ئي هنن جون فلمون اڄ به ڏسبيون آهن ته لڳندو آهي ته ڪا نئين فلم پيا ڏسون ڇو جو هنن جي هر ايڪش ۾ عمر بدلجڻ سان گڏ هڪ جدا رنگ ۽ معنيٰ تي نظر اچي.

❊



Gul Hayat Institute

اسان جي ننڍپڻ ۾ جوانيءَ ۾، سينيمائن ۾ اصلي فلم کان پهرين ڪارٽون ۽ پاڪستان انفرمشين جون فلمون ڏيکاريون وينديون هيون. جن ۾ صدر، وزيراعظم ۽ ٻين سياسي شخصيتن جي ڪارڪردگيءَ جي پروپيگنڊا ڪئي ويندي هئي. ليڪن اها پروپئگنڊا به دلچسپ هوندي هئي، ڇو جو حاڪمن جون حرڪتون هميشه رومانوي داستانن جيان لڳنديون هيون. تنهنڪري ماڻهو بور ڪونه ٿيندا هئا، ليڪن ان کان پوءِ وري ننڍيون ننڍيون مزاحيه فلمون جيئن موجوليري سيريز جون مزاحيه فلمون ڏيکارڻ لڳا ۽ ان کان پوءِ مئن فلم ڏيکاريندا هئا. انهن فلمن ۾ ٽام ۽ جيري جهڙن ڪارٽونن جو مزو ته اسان کي ايندو هو پر ان مان هڪ ٻيو فائدو به هوندو هو جو جيڪڏهن فلم ۾ وقت تي نه پهچبو هو ته به اصلي فلم ڏسي وٺبي هئي جيڪا انهن کان پوءِ ڏيکاري ويندي هئي.

ڪارٽون فلمن ۾ ٽام اينڊ جيري جيڪا ڪوئي ۽ ٻليءَ جي عجيب وغريب ڪارنامن تي مشتمل هوندي هئي، اها ٻارن سان گڏ وڏن ۾ به ڏاڍي مشهور هئي. خاص ڪري انهن جا رنگبرنگي نظارا اڄ سوڌو وساري نه سگهيا آهيون، ليڪن وڏيڪ مزو نين ايندڙ فلمن جا ٽريلر ڏسڻ ۾ ايندو هو، جن ۾ فلمن جا چونڊ دلچسپ ٽڪرا ڏيکاريا ويندا هئا، جنهن ڪري انهن فلمن جي اچڻ جو انتظار رهندو هو.

❊

مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ جيترين فلمون رتي ديري ۽ ٽنڊي آدم ۾ ڏٺيون، ايترين ٻين هنڌن تي ڪونه ڏٺم، حالانڪ حيدرآباد، سکر، نوابشاه، ٽنڊو محمد خان، سجاول ۽ ميرپورخاص ۾ به فلمون ڏٺيون هئم، ليڪن اتي ڏٺل فلمون ياد ڪونه اٿم، فلمن کي ڏسندا ضرور هئاسين، جو امان توڙي بابا، بلڪ چاچا غلام قادر ۽ منهنجي ڦڦي جنهن کي اسين امان ننڍي چوندا هئاسين، جيڪا اسان سان گڏ رهندي هئي، ان کي به فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هئو. هو ته اسان چوندي هئي ته ”ڀائوءَ کي چئه ته اڄ کيل ڏيکاري،“



Gul Hayat Institute

1950ع کان 1958ع تائين جيڪي فلمون ڏٺيوسين، تن مان گهٽين جو مون ذڪر پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي ۽ اهو به لکيو اٿم، جن کي وري ڏسڻ جي تمنا آهي، پر اهي نه نيٽ تي آهن ۽ نه ئي وري وي سي آر جي سي ڊي يا ڊي وي ڊي تي ملي سگهيون آهن. البته انهن جا گانا ملن ٿا، سي به صرف آواز تصويرون نه ٿيون ملن. انهن مان فلم مينا بازار جنهن جو هيرو شيام هئو نرگس هيروئن هئي، جڏهن ته گوپ به انهن فلمن ۾ مسخري يا ولين جي روپ ۾ هو هي فلم ٽنڊي آدم ۾ شاهه ٽاڪيز ۾ 1956ع ۾ ڏٺي هئم، هڪ دفعو نه بلڪ ڪئين ڀيرا، ڇو اتي اسين روز سئنيما ۾ ويندا هئاسين. شاهه ٽاڪيز جو مالڪ عالم شاهه هو جنهن جي رتي ديري واري سئنيما ۾ به ڪئين فلمون ڏٺيون هيوسين، اتي خاص فلم پربت، ياد آهي، جنهن ۾ نوتن، پريم ناٿ ۽ ڪي اين سنگهه اداڪار هئا ۽ فلم پنهنجي خوبصورت گانن جي ڪري مشهور ٿي هئي.

1958ع ۾ جڏهن بابا ٺٽي ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو ته هڪ دفعي اسين ڪراچيءَ ويا هئاسين جتي چاچا حفيظ جي آرام باغ وٽ آفندي منزل واري فليٽ ۾ وچي رهيا هئاسين. امان، بابا، منظور، دادا مشتاق به گڏ هئا، اسان لائيٽ هائوس سئنيما ۾ 'برها ڪي رات' فلم ڏٺي هئي جنهن ۾ ديوانند ۽ نرگس جي جوڙي هئي، ۽ جيراج ڪريڪٽر رول ۾ هو. هيءَ فلم ڪهاڻي جي لحاظ کان ڪا ڪالي گهٽا يا بادل ۽ ساقي جهڙي دلچسپ ڪانه هئي پر گانا سٺا هئس، هاڻي به سٺا ٿا لڳن. مون کي لڳي ائين ٿو ته پاڪستاني فلم دوپٽه، انهيءَ ڪهاڻي تي ئي ٺاهيل آهي، بهرحال هن فلم کي ياد ڪري ڪراچيءَ جي ساموندي هوا ۽ بندر روڊ تي ڪار ۾ ڪيل سير جي ياد ٿي اچي.

هڪ پاڪستاني فلم صابره به ڏاڍي ياد ايندي آهي، جيڪا ٽنڊي آدم ۾ ئي ڏٺي هئم، جنهن جي هيروئن سورن لتا هئي، ان وقت سورن لتا ۽ نذير جي فلم نوڪر هٽ تي چڪي هئي ۽ ان جو گانو 'راج دلاري' ڏاڍو مشهور ٿيو هو ۽ صابره جو هڪ گانو به ڏاڍو مشهور ٿيو هو جنهن کي اڄ به ٻڌجي ٿو ته دل تي عجيب اثر ٿو پوي،

Gul Hayat Institute

رات هوگئي جوان، نغمہ بن کي ڇهاگئي لب پي دل کي داستان

هاڻي، اهي گانا ٻڌجن ٿا تہ بابا، امان، چاچا، امان ننڍي، دادا مشتاق ۽ اهي چهرا جيڪي هاڻ هن دنيا ۾ ناهن، سامهون اچيو ٿا بيهن.

❋

سنڌي فلمن جا ٻہ هيرو مشهور ٿيا، حسين علي شاهہ فاضلاڻي، جنهن عمر ماروي ۽ پرديس فلمون ٺاهيون، ۽ هيرو جا رول ڪيائين، جيڪي اڄ ڏينهن تائين سنڌيءَ ٻوليءَ جون بهترين فلمون آهن تہ ٻئي طرف مشتاق چنگيزي جنهن تمام گهڻين سنڌي فلمن ۾ ڪم ڪيو جن مان شهرو فيروز ۽ نوري ڄام تماچي تمام مشهور ٿيون، خاص ڪري يوسف جي آواز ۾ ڳايل شهرو فيروز جي گانن جو تہ ڪو جواب ڪونهي، مون هيءَ فلم عمر ماروي ۽ پرديسيءَ وانگر گهڻائي ڀيرا ڏٺي ۽ ان جو گانو.

غم ڪٿدي نهين، ڦٽ چٽدي نهين، ظالم،
عشق دي واعدي الا ڪٿدي، نهين.

مون کي اڄ بہ اهو گانو ڏاڍو وڻندو آهي، اهڙو ئي ٻيو هڪ گانو هندستاني پنجابي فلم پنگڙا جو بہ ياد اٿم جيڪو درد سان ٽمٽار لڳندو اٿم،

ملهہ وکدا سجن مل جائي، لي ليوان مين جندڙ ويچ کي.

هي ٻئي مشهور هيرو زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ تمام تڪليف دهہ انداز ۾ گذاريندا ڏٺم. فاضلاڻي صاحب سان ڪراچي هوٽل ۾ پوءِ ڏيئلداس ڪلب ۾ اچڻ کان پوءِ تفصيلي ملاقاتون ۽ رهاڻيون ٿيون، هن جا حالات ٺيڪ نہ هئا ۽ هُو جلد ئي گذاري ويو.

مشتاق چنگيزيءَ سان واسطو پروفيسر امام بخش ملاڻي جي ڪري ٿيو جو هُو سندس واسطيدار ۽ ريديو ٽي. وي جي حوالي سان بہ هن سان ملاقاتون، ٿيون، ان وقت هن جي اداڪاره چڪوريءَ سان جوڙي

Gul Hayat Institute

مشهور ٿي ليڪن بعد ۾ جڏهن هو اداڪاري ڇڏي چڪو هو. سنڌي فلمن بلڪ فلمن جو ئي زمانو ختم ٿي ويو هو ته هن سان ڊيئلداس ڪلب ۾ اداڪار حبيب سان گڏ ملاقات ٿي، جيڪو منهنجو بهترين دوست بڻجي چڪو هو ۽ حيدرآباد اچڻ تي سپ کان پهرين مون سان ڪلب ۾ ملڻ ايندو هو. هيءُ دور مشتاق چنگيزي جي زوال جو هو. جنهن جو هڪ مثال اهو هُو جو هو ريڊيو حيدرآباد تان هڪ فلمي پروگرام ڪندو هو ۽ اتي جا پروڊيوسر هن جي ڪا خاص عزت ڪونه ڪندا هئا. اها خبر تڏهن پئي جڏهن هڪ دفعي مونکي چيائين ته فلاڻي پروڊيوسر کي سندس سفارش ڪري ته ڪيس ڪجهه وڌيڪ پروگرام ڏئي، ڇو جو هن جي انهن پئسن مان پورت نه ٿي ٿئي، مون هن لاءِ چيو ته ضرور پر اهو سوچي ڏک ٿيم ته شل ڪو مجبور نه ٿئي.

*

مونکي ننڍپڻ کان ئي هِل اسٽيشن جي موضوع واريون فلمون ڏاڍيون وڻنديون هيون. برسات ۽ مڌومتي انهن ۾ خاص جڳهه رکنديون هيون، انهن جون ڪهاڻيون ئي هِل اسٽيشن سان واسطو ٿيون رکن، جيئن برسات ۾ ڪشمير جو پس منظر پيش ڪيل آهي، جڏهن ته اها ٻي ڳالهه آهي ته نرگس جي ماءُ جدن ٻائي هن کي ڪشمير وڃڻ جي اجازت نه ڏني تنهنڪري مها بليشور ۾ ئي اها فلم ٺاهي وئي ائين ديدار کان ’ڪٽي پتنگ‘ تائين بي شمار فلمون پڻ هندستان توڙي پاڪستان ۾ هِل اسٽيشن جي موضوع تي ٺهيل آهن، خاص ڪري پاڪستان ۾ ڪوهه مري، نٿيا گلي ۽ سوات جا نظارا ته تمام گهڻين فلمن ۾ ڏٺاسين. انهن مان اوائلي فلمون بليڪ اينڊ وائيٽ هجڻ ڪري وڌيڪ پراسرار لڳنديون هيون، ليڪن جڏهن پنهنجي اکين سان پهاڙن ۽ آبشارن جا رنگ ڏٺاسين ته ڄڻ انڌي کي اکيون ملي ويون، اهوئي سبب آهي جو مون پهريون ناول ’پيار ۽ سپنا‘ ڪوه مريءَ جي پس منظر ۾ لکيو.

Gul Hayat Institute

جابلو علائقي جي فلمن جو وڏو موضوع پرديسين جو پيار هو شهري شوقين اتي جي معصوم ڇوڪرين کي سهڻا سپنا ڏيکاري يا تہ بي وفائي ڪري ويندا هئا يا مجبوريءَ سبب واپس نہ ورندا هئا. جيئن فلم موسم ۾ سنجي ڪمار کي ڏيکاريو ويو آهي، تہ هو ڪيئن ڪنهن سبب جي ڪري پنهنجو پيار قربان ٿو ڪري. ويچاريون جابلو نازنينون، ’لوٽ آئو ميري پرديسي بهار آئي هي‘ ڳائيندي ڏک جو اظهار ڪنديون نظر ايندڙيون هيون.

هندستاني فلم محبوبہ کان پاڪستاني فلم دوراها تائين جا پهاڙي جادوئي نظارا وسرڻ جا ناهن. حالانڪ پاڪستان جي پراڻين فلمن ۾ دوپٽہ، انتظار، گهونگهٽ، دوراها، هل اسٽيشن ۽ ڪيترين ئي فلمن پهاڙي پس منظر تي ٺهيل آهن. ليڪن رنگين فلمن اچڻ جي ڪري هاڻ ڪو اثر ڪونہ ٿيون ڇڏين. جڏهن تہ هاڻ رنگين ۽ سئنيما اسڪوپ فلمون ڏسي اکيون کلي ٿيون وڃن.

مون کي دليپ ڪمار ۽ راجڪمار جي فلم سوداگر جا جابلو حسين نظارا نہ ٿا وسرن. جيڪا مون کي منهنجي دوست محمد احمد (ممدو پائي) راحت سئنيما ۾ مئنيجر هئڻ ڪري پڙدي تي ڏيکاري هئي، فلم نہ هئي جادو هو. مونکي تہ رڳو ان جا جبل، نديون ۽ ساوا ڇهچ ميدان ياد آهن، اداڪاريءَ ڏانهن تہ ڪو ڌيان ڪونہ ٿي ويو.

اهي نظارا وري جڏهن زندگيءَ ۾ مون کي پيارن ۽ حسين ساٿين سان گڏجي ڏسڻ لاءِ مليا تہ اهي بہ پڪا عڪس بڻجي منهنجي شخصيت ۾ شامل ٿي ويا آهن. اڄ بہ جڏهن مري، باڙا گلي، مينگورا، يا بالاڪوٽ جو سوچيان ٿو تہ ان ڳالھ تي يقين ٿو اچي، جيڪا ڪنهن دور ۾ ڊاڪٽر لاعلاج مريضن يا ڪن خاص مريضن لاءِ تجويز ڪندا هئا تہ ”هن جي هوا بدلايو ۽ ڪنهن جابلو علائقي ۾ وٺي وڃوس.“

*



Gul Hayat Institute

هالي ووڊ، جنهن کي فلمي دنيا جي گاديءَ جو هنڌ چيو وڃي ٿو وڏاءَ نہ ٿيندو جتي هر سال بي شمار سماجي، سياسي، سائنسي، رومانوي ۽ تاريخي موضوعن تي فلمون ٺاهڻ ۾ ان جو ڪو مثال ڪونهي ۽ سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. حالانڪ هالي ووڊ ۽ هندستان جنهن کي هاڻ ان جي پويان لالي ووڊ ڪري ٿا ڪوٺين، ويهين صديءَ ۾ گڏ پنهنجو فلمي سفر گڏ شروع ڪيو هو ۽ ڪو وقت هو جو ٻنهي فلم انڊسٽرين جي هدايتڪارن ۽ اداڪارن ۾ رابطو بہ هوندو هو ليڪن هالي ووڊ پنهنجي موضوعن، آزاد خيالي ۽ وقت سان گڏ تبديل ٿيندڙ حالتن سان تبديل ٿيندو رهيو جڏهن تہ برصغير ۾ فلمن جا موضوع، سواءِ ڪن چند فلمن جي مذهب، حب الوطني ۽ سماجي ئي رهيا. ڪي ڪي تاريخي فلمون بيشڪ ٺهيون جيڪي اسان بہ ڏٺيون، جن ۾ راجا هريشچندر کان سهراب مودي ۽ ڪمال امروهيءَ جون ٺاهيل تاريخي فلمون ۽ ان کان پوءِ ٻيون فلمون جيڪي بہ ٺهيون تنهن ۾ تاريخ کان وڌيڪ رومانس ۽ شان ۽ شوڪت جو اظهار گهڻو نظر آيو. انهن جو مثال نئين فلمن رضيہ سلطانہ، جوڌا اڪبر، پدماوت، شيوا جي، باجي راءُ مان ئي ملي ويندو. جڏهن تہ انارڪلي ۽ مغل اعظم ۾ بہ اهڙو ئي وڏاءُ نظر ايندو. جڏهن تہ شاهجهان، همايون، نورجهان ۽ پڪار بظاهر بادشاهن جي نالن تي ٺهيل فلمون آهن ليڪن انهن جون ڪهاڻيون بہ تاريخي نہ آهن.

هالي ووڊ جون تمام گهڻيون فلمون ان ڪري بہ نهايت مقبول ٿيون جو انهن جا لکندڙ ڪي عام اسڪرپٽ رائٽر نہ هئا، بلڪ اهي تمام وڏن ناليوارن اديبن جي ناولن تي ٺاهيون ويون هيون ۽ اهڙيون تہ حقيقت پسندانہ هونديون هيون، جو منهنجو استاد سائين محرم خان چوندو هو تہ "مون تاريخ انگريزي فلمن مان سکي."

هالي ووڊ ۾ ڪيترين ئي فلمون مشهور ليڪن سر والٽر اسڪاٽ جي ناولن جهڙوڪ آئيون هو، ايچ رائڊر هيگرڊ جا ناول شي ۽ ڪلوپيٽرا، ٽالسٽاءِ جا وار اينڊ پيس ۽ اينا ڪرنينا، پرل ايس بڪ جو ناول دي گڊ ارٿ، اليگزينڊر ڊيوماس جو ٿري مسڪيٽئرس ۽ ڪاميلي،

Gul Hayat Institute

وڪٽر هيوگو جو لامزربيل ۽ هنچ بيڪ آف دي ناٽرڊيم، چارلس ڊڪنس جا اي ٽيل آف ٽو سِٽيز، سلاس مارنر، نڪولائي گوگول جو دي انسپيڪٽر جنرل، رڊيارڊ ڪپلنگ جا انڊيا جي باري ۾ لکيل ناول، اي.ايم. فارسٽر جو اي پيسيج ٽو انڊيا، دوستو فسڪي جو ڪرائيم اينڊ پنشمينٽ، سر آرٿر ڪانن ڊائل جا شرلاڪ هومز جي ڪارنامن بابت ناول، چارلوٽ برانٽي جو جين آئر، ايملي برانٽي جو ودرنگ هائيٽس، ارنيسٽ هيمنگوي جا اي فيئرويل ٽو آرمس، فار هوم دي بيل ٽالس، سنوز آف ڪلمانجرو، اولڊ مئن اينڊ دي سي، مارگريٽ مچلز جو گان وِٿ دي ونڊ، ٿامس هارڊي جا ميئر آف دي ڪيسٽر برج ۽ ٻيا ناول، او هينري جو اي ويو فرام دي برج، برام اسٽوڪر جا ڊراڪولا سيريز جا ناول، جنهن جو هاررز آف ڊراڪولا اسان مئجسٽڪ سئنيما ۾ ڏٺو ۽ واپسي ۾ ڪنهن اڪيلي گهٽيءَ مان لنگهندي ڊپ پئي ٿيو. آئن فليمنگ جا جيمس بانڊ سيريز جا ناول، جن ۾ سڀ ڪان پهرين، ڊاڪٽر نو فلم آئي جيڪا اسان فردوس سئنيما ۾ مارننگ شو ۾ ڏٺي ۽ پنج ڏينهن لڳاتار ڏسندا رهياسين. تنهن ڪان پوءِ فرام رشيا وِٿ لَوَ ته اڃا به نه ٿي وسري، رڳو ان جو ٽائٽل ڏسي ئي دل ۾ عجيب جذبا اڀري ويندا هئا. انهي دور ۾ السٽر ميڪلين جا مشهور ناول فلمبند ٿيا هئا، جن ۾ دي گنس آف نيوران، آئس اسٽيشن زيبرا ۽ ويئر ايگلز ڊيئر، اهي فلمون پنجاهه ورهين گذرڻ ڪان پوءِ به اڃا تائين ڏسڻ ۾ مزو ڏينديون آهن.

اهڙي طرح وليم فاڪنر، ايڊگر ايلن پو، مارڪ ٽوائن، هرمن ميوائيل، جنهن جي مشهور ناول موبي ڊڪ تي ٺهيل فلم ته ڪمال جي هئي. هن فلم ۾ گريگوري پيڪ جو رول ته ڏاڍو پسند آيو جيڪو هڪ وهيل مڇيءَ ڪان پنهنجي پٽ جي موت جو بدلو ٿو وٺي. انهن فلمن جي تسلسل ۾ هيرالڊ رابنس جي ناولن جو ذڪر اڻ ٽر آهي، جنهن تي ٺهيل فلم، دي ايڊونچررز هڪ انقلابي فلم آهي، جيڪا ليٽن امريڪا جي پس منظر ۾ قوم پرستيءَ جي موضوع تي انقلاب جي باري ۾ هڪ حقيقت پسندانه ڪهاڻي آهي، ان سان گڏ هن جي ناولن، نيور لِيوَمِي، اسٽيلٽو 79

Gul Hayat Institute

پارڪ اوينيو دي ڪارپيٽ بيگرز. دي ڊريم مرچنٽس جهڙيون شاندار فلمون بہ ٺهيون جيڪي اڄ بہ ڏسجن تہ نيون ٽيون لڳن. ان سان گڏ روسي ليکڪ بورس پيسترناڪ جي مشهور ناول ڊاڪٽر زواگو تي جيڪا شاندار فلم ٺهيل آهي، ان جو پنهنجو مقام آهي تہ جيمس جونز جي ناول فرام هِيئر ٽو اٽرنٽي جو بہ ڪو جواب ڪونهي جنهن ۾ برٽ لنڪاسٽر، مانٽگمري ڪلف، ڊيبوراڪر ۽ فرينڪ سناترا جهڙن اداڪارن پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن، جو اسين اڄ بہ ان کي ياد ٽا ڪريون. منهنجو دوست مرحوم قاضي عبدالستار جڏهن بہ هن فلم جو ذڪر ڪندو هو تہ مانٽگمري ڪلف جي، فرينڪ سناترا جي مرڻ جي موقعي تي وڄايل ٽرمپيٽ جو ذڪر ڪري اکين ۾ پاڻيءَ ڀرجي ايندو هوس. پر ان وقت اسان کي برٽ لنڪاسٽر ۽ ڊيبوراڪر، جهڙي حسين عورت کي سمنڊ جي ڪناري تي ڏنل هڪ طويل ترين چمي وارو سين ياد آهي، جنهن ان وقت سڄي جسم ۾ ڪرنٽ ڊوڙائي ڇڏيو هو.

ان سان گڏ ڪيترائي ليکڪ جن ۾ ارسڪن ڪالڊ ويل، هارپرلي، مئڪسم گورڪي، موپا سان، جان پال سارتر، نئٿونل هاٿورن جي ٽوائس ٽولڊ ٽيلس، جهڙين سنسني خيز ۽ پوائٽين فلمن کي ياد ڪري اڄا بہ ڊپ ٿو لڳي. اهي اديب هئا جن هالي ووڊ کي امر ڪري ڇڏيو.

❊

فلمي ادب ۽ ادبي فلمن ۾ وڏو فرق آهي. هڪ تہ ٻنهي جا ڏسندڙ جدا جدا آهن، جنهن جو مثال اهو آهي جو عام عشقيہ يا مارڌاڙ واريون فلمون جڏهن بہ سئنيمائن ۾ لڳنديون هيون تہ انهن تان رش ڪڏهن بہ ڪونہ گهٽبي هئي، خاص ڪري، عام ڪار ڪرت ڪرڻ وارا ماڻهو عورتون ۽ ٻار، عشقيہ آڪاٽين، مذاق ۽ جهيڙي جهٽي مان مزو وٺندا هئا تنهنڪري برصغير ۾ سماجي فلمون تمام مشهور ٿينديون هيون. جيئن فلم ’زينت‘ جنهن ۾ نورجهان هڪ ڏکويل عورت جو رول ادا ڪيو آهي. يا وري پاڪستان ۾ ٺهندڙ فلمن نوڪر، حميده، ڇوٽي بيگم، سهيلي ۽

Gul Hayat Institute

سرفروش وغيره اهڙين فلمن کي باڪس آفيس تي ڪامياب فلمون ڪوٺيو ويندو هو ليڪن سنجيده موضوعات تي وڏن ناليوارن اديبن جي ناولن يا ڪهاڻين تي جيڪي فلمون ٺهيون تن ۾ گيلريءَ ۾ تہ ماڻهو نظر ايندا هئا، باقي هيٺيان هال خالي هوندا هئا. ماڻهن کي سنجيده يا مزاحيہ ڊائلاگن ڪان وڌيڪ شوخ ۽ پڙڪيدار گانا ناچ ۽ مزاحيہ اداڪارن جي ڪرتبن ۾ گهڻو مزو ايندو هو. اهوئي سبب آهي جو راجڪپور جون 'ميرا نام جوڪر' ۽ 'سنگم' جهڙيون اعليٰ فلمون ۽ دليپ جون 'جوگن'، 'سنگدل'، 'نديا ڪي پار'، 'هلچل' ۽ 'آرزو' جهڙيون فلمون ڪامياب نہ ٿيون. باقي داغ، ترانا، يهودي، ڪوهہ نور ۽ آن جهڙين فلمن ڏاڍو ڪمايو.

اهو حال رڳو هتي نہ بلڪہ هالي ووڊ ۾ بہ هئو، جنهن جا ڪيترائي مثال ملندا. البتہ ايڊونچر، مزاح ۽ سماجي فلمن اتي ڏاڍو ڪاروبار ڪيو. لو اسٽوري جهڙي فلم بہ سالن جا سال هلي. ليڪن اتي بہ هاڻ پراسرار فلمن ۽ سائنس فڪشن جو راڄ ٿي ويو آهي.

❊

---

✍ ننڊ جويري (ترجمان)

## هر خوشي/مينا ڪماري

هر خوشي
برباد ٿيل غم آهي
هر غم
برباد ٿيل خوشي
هر اونداهي تباهشدا روشني آهي
۽ روشني هڪ تباهشدا اونداهي
ان ريت
هر حال
فنا ٿيل ماضي
هر ماضي
فنا ٿيل حال

ꕥ

## منهنجو گهر / اَمرتا پريتم

اَڄ مون
پنهنجي گهر جو نمبر هٽايو آهي
۽ گليءَ جي مُنڍ تي لڳل
گليءَ جو نالو هٽايو آهي
۽ هر راهہ جي رُخ کي ڦيريو آهي
پر پوءِ بہ اَگر توهان کي
مون سان ضروري ملڻو هجي
تہ هر ديس جي هر شهر جي
هر گليءَ جي در کي ڪٺڪٺائجو.
اهو هڪ سراپ بہ آهي،
تہ اهو هڪ ورُ بہ آهي
۽ جتي بہ آزاد روح جي جهلڪ مِليوَ
سمجهي وٺجو اُهو منهنجو گهر آهي.
گهر خاندان آهي - گلِي ملڪ آهي - راهہ جيون سفر جي اَڻ چونڊيل جيون راهہ جو نظريعو آهي.
اهي سڀ مونکي حدن اَندر محدود رکن ٿا.

ꕥ

Gul Hayat Institute

## ڪهاڻي: ’ءِ هوءَ مهڪي پيئي‘

### ✍ مايا راهي

سمرن پرس مان پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي بچيل پاڻي هڪ ئي ڍيت ڪري پي ويئي. پکو هلائي ڦان ٿي پلنگ تي پئجي ويئي. جنهن ڪُلهي جي ڪسرت ڪري آئي هئي سو ٿورو ڏکي رهيو هو. اُن پاسي سُمهي ته ٿورو آرام محسوس ڪيائين.

هاڻ هوءَ سوچڻ لڳي. پلا هن کي ’فِزيو ٿيرپيءَ جي سيشن‘ بدران سنڌيءَ ۾ ڇئجي ته ڪيئن ڇئجي ... گهڻي مٿي مارِي ڪرڻ ڪانپوءِ به هن کي ٺُز سنڌي اَکر سمجهه ۾ نه آيو. سوچيائين نيڪ آهي پوءِ ڊڪشنريءَ مان ڳولهي وٺندي. وري سوال اُٿيو ته ڊڪشنريءَ کي وري سنڌيءَ ۾ ڇا چئجي؟ پر ڊڪشنريءَ مان وري ڏوڙ سنڌي اَکر ملندا. اَڳ به هن اَهڙي ڪوشش ڪئي هئي. ءِ جي مليا به هئا ته يا ته اُردوءَ جا يا پرشن جا! جن جا هوءَ پورا اُچار به نه ڪري سگهي. ڪم آڻڻ ته پري رهيو.

اُن ڏينهن جو هن پروگرام اَٽينڊ ڪيو هو، اُتي هر هر سنڌي ٻوليءَ جي ساراهه ڪري رهيا هئا. ڪنهن ته ايترو به چيو هو ته سنڌي ٻولي رِچ ٻولِي آهي. سنڌي اَکر پورا آهن به ڪونه پوءِ باقي رِچ ڇا ۾ آهي.

پکي هلڻ ڪري هلڪي ٿڌڪار محسوسيائين. ويهاڻي جي پر ۾ رکيل شال ڪُٺي پاڻ کي ڍڪيائين. خيالن ڦيرو ڪاڌو. آٿو واري ڇوڪري جي اَکين جي شيطاني ياد اَچي ويس. اُن وقت ته ڪاوڙ وچان باهه ٿي ويئي هئي، پر هاڻ سا ياد ڪري مُرڪي پيئي. هونءَ جو روز وارو رِڪشا هلائيندڙ بزرگ، اَڄ نه اَچي سگهيو ته ننڍي نيٽي جوان کي ڪُٺي موڪليائين، پُٽُ هوندس شايد. سمرن کي آٽو مان لهڻ ۾ ٿورو وقت لڳو ته هوُ آٽو مان نڪري ٻاهر اَچي بيٺو. ”ماتاجي مدد ڪرون ڪيا؟“ هيءَ لهي بيٺي ته اَکيون ڦوٽاري چيائين، ”مُجهي بولا تُم ني ماتاجي؟ مئن ڪيا تُمهين ماتاجي لگتي هون؟“ رومال مان روز جي ڀاڙي جيترا پئسا ڪڍي ڏنائينس. هن شيطاني ڪِل سان پئسا وٺي چيو، ”بال ڪالي ڪرني سي ڪوئي جوان تو نهين هو جاتا هئه.“ هن ڪان

وسري ويو تہ هوءَ هڪ مادرن ليڊي آهي. هن جي اَصلوڪي سنڌيت ڪاوڙ ۾ نِڪري نروار ٿي. هن ساڄي هٿ جون پنج ئي آڱريون ڦهلائي پوندو ڏيئي چيائينس، ”هئنت ٿئي موئا.“

ڏڪيل ڪُلهي واري پاسي سُمهڻ سان هن جو سور گهٽيو ۽ سمرن کي آرام آيو تہ هن پاسو ورايو. ۽ ليٽي رهي. هن نٿي ڄاتو تہ هوءَ جاڳي سوچي رهي هئي يا سُمهي سُپنو ڏسي رهي هئي. هن کي اِها ننڊ ۽ جاڳ جي راند ڏاڍي وڻندي آهي. ننڊ هن کي ڪُجھ بہ، سمجھ ۾ ايندڙ، نہ ايندڙ ڏيکاريندي آهي پر اَڌ ننڊ، اَڌ جاڳ ۾ هوءَ، من چاها سُپنا ڏسي سگهندي آهي. خيال مَٽائي سگهندي آهي ۽ پوءِ بہ هوءَ اِهو نہ سمجهي سگهندي آهي تہ هن جاڳندي جو سُپنو ڏٺو هو يا سُمهندي جو سوچ.

..... ..... .....

”چو پائي، اَڄڪلھ تنهنجي چاندي پيئي چمڪي.“ سِمرن مُرڪندي بين ساهيڙين ڏانهن نهاريندي سُڌا کان پُڇيو.

”تو چا ڊاءِ ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي؟“ بِي.

”گهڻي وقت کان ڏسون پيا تنهنجا ڪارا اَڇا پيا ٿين.“ ٽين.

”ها پائي، مون ڊاءِ ڪرڻ ڇڏي آهي. عمر تہ چڙهي پيئي، گهڻو وقت ڊاءِ ڪري لڪائبي؟ چهرو تہ هونءَ بہ اَندر ۽ عمر جو آئينو آهي.“

”مان تہ پائي ٻُڍي ڊوري ٿي ويندس، هٿ ۾ لٺ ڪٽندس، تہ بہ منهنجو هڪ بہ اَڇو وار نظر نہ ايندو.“ سمرن ڪنڌ جي لوڏ سان رايو ڏنو هو. سُڌا جو مٿو اَڇو ٿيندو رهيو ۽ سمرن جي وارن جي ڪاراڻ گهري ۽ وڌيڪ گهرِي ٿيندي رهي.

هن فقط وارن جي ڪاراڻ نہ، پر چهري جي چمڪ جو بہ خاص خيال رکيو هو. هر مهيني بيوٽي پارلر جي چوڪري، فيشل، آءِ بروز ڪري، هاٽوڪين، نين ڪمپنين جون، مهانگيون ڪريمون ۽ لوشن لڳائي، سرير جي مالش ڪري، وڌندڙ عمر کي گهٽائي، هن کي ننڍي نيٽي لڳڻ ۾ مدد ڪندي آهي ۽ هوءَ اَڳين کان بہ اَڳري لڳندي آهي.

هاڻ هوءَ ڄاڻي ويئي آهي، تہ هر ليڊيءَ کي پرفيڪٽ ۽ مادرن لڳڻ لاءِ هينين ڳالهين جي ضرورت آهي:- (١) فِزيشن (صحت ٺيڪ رکڻ لاءِ) (٢) ڊائٽيشن (کاڌي پيتي جو خيال رکي، سرير سندر ۽ سُڊول

رکڻ لاءِ) (٣) بيوٽيشن (سرير کي چمڪائڻ لاءِ) (۴) فِزيوٿيرپسٽ (ننڍي وڏي سرير جي سور سنڀالڻ لاءِ) ۽ (۵) بُٽيڪ واري (ليٽيسٽ ڊزائين جا ڪپڙا سُٻي، فئشنبل ۽ ماڊرن لڳڻ لاءِ)

تہ ڇا هيترن خرچن، ڪشٽن جي باوجود هوءَ پنهنجي اَصلي عمر لڪائي نہ سگهي آهي، جو اَڄ هن ٽنگ جيتري ڇوڪري بہ هن جي اَصلي عمر پرکي ورتي؟

ڇانهہ ٿاهيندي هن کي لڳو تہ اَڄ هن ڪان ڇانهہ ٿاهڻ نٿي پُڄي. روز جنهن ڦرتيءَ سان ڇانهہ ٿاهي وٺندي آهي سا ندارد آهي. من ۾ سوال اُٿيو تہ ڇا هاڻ عمر سچ پچ لڪائي ٿي؟ ”بس ڪر، هاڻ گهڻو ٿيو ڇڙيائي ڇڏ.“ هميشه وانگر هن جي اَندر واري ٻول ٻوليو.

هن من ٻيءَ وجهڻ لاءِ رسالو کڻي پنا اُٿلايا. رسالو هن جي گروجيءَ جو هو ’روحاني رهاڻ‘. هيءُ پرچو خاص رشين مُنين جي ٻُڌايل ڇئن آشرمن جو خاص پرچو هو. هن پنا اُٿلائي اُن جي مواد کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. برهمچريہ، گرهست، وان پرست ۽ سنياس. گهڻي ۾ گهڻا صفحا برهمچريہ تي ڏنل هئا. هن کي لڳو ڪا نئين ڳالهہ ناهي، گروجي بہ پنهنجي هر اُپديش ۾ برهمچريہ پالنا جو وشيہ ضرور کڻندا آهن. شايد سندن فيوريٽ (من پسند) ٽاپڪ هوندو.

گروجيءَ جو چوڻ آهي تہ، برهمچريہ پالي ويريہ بچايو، ويرتا وڌايو، چهري تي چمڪ ايندي، اَکين ۾ تيج ايندو ۽ ٻيو بہ اَلائي ڇا ڇا ٿيندو. ڇانهہ جو ڪوپ چپن تائين آڻيندي، ڪو خيال هن کي ڇرڪائي ويو ۽ ڪوپ چپن تائين اَچڻ بدران هوا ۾ ئي بيهجي ويو. هيءُ سڀ رسالا، اُپديش، ويد پُراڻ، گرو اُپديشڪ پُرشن کي ئي برهمچريہ پالنا لاءِ چوندا آهن؟ زالن کي چو نہ؟ جي زالون ويريہ جو بچاءُ ڪن تہ هنن جي ويرتا ۽ سونهن وڌندي، چهرو چمڪندو، اَکين ۾ تيج ايندو. هن کي تہ پوءِ هزارين رپيا خرچي، نقلي سونهن وڌائي، پاڻ چمڪائڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي. تہ ڇا عورتن ۾ ويريہ ٿيندو ئي ناهي؟ پر؟ هوءَ مُنجهي پيئي. هن رسالو کڻي وري پنا اُٿلايا. پُرش جي ويريہ ۾ ’اِسپرم‘ ٿيندو آهي ۽ عورت جو ’ايگ‘ اُهو بہ تہ عورت جي ويريہ ۾ ئي ٿيندو هوندو نہ؟ عورت جي اُن ويريہ جي بچاءَ جي اَهميت چو ناهي؟ ’هيءَ ڪهڙي ڇڙيائپ آهي‘ اَندر جو سوال اُٿيو ۽

Gul Hayat Institute

هن چپن ۾ پڇيو، ’سوال آهي تہ جواب ملڻ کپي نہ؟ نٿو ملي تہ ڳولهڻ کپي نہ؟‘

هوءَ رسالي جا پنا وري اُٿلائي جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. (١) پهريون-برهمچريہ : آشرم ۾ وڃي برهمچريہ پالن ڪري گرو سيوا سان گڏ سکيا حاصل ڪرڻ پنجويهہ سال. (٢) ٻيون-گرهست : ٻيا پنجويهہ سال، شادي گهر ٻار، ڌنڌو واپار فرض پالنا. (٣) ٽيون-وانپرست : گهر ٻار، دنياداريءَ مان موهہ گهٽائي ڀڄن ڪيرتن، سِمرن، ڌيان وغيره ۽ (۴) چوٿون-سنياس : گهر ٻار سنساري اِڇائن جو تياڳ.

هن هاڻ ستر پار ڪيا آهن تہ هاڻ هن لاءِ وانپرست وارو وقت آهي. هيءُ ڪارا وار، فيشل، فئشن، مالشون وغيره مان ڌيان ڪڍي، ڀڄن ڪيرتن ڪري، سنياس جي تياري ڪرڻ کپي. هيءَ وري ڪهڙي چڙيائي آهي؟ وري اَندر مان سوال اُٿيو. هوءَ بي آرام ٿي ويئي ۽ ڪمري ۾ پنڌ ڪرڻ لڳي.

هن جي من صدين جا پيچرا پار ڪري، رامائڻ ۽ مهاڀارت جا پنا اُٿلايا. اِنهن ڌرمي ڪتابن ۾ اِستريون آهن ئي ڪيتريون؟ آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون مس آهن. پر ڪٿي بہ اِهو بيان ڏنل ناهي تہ، سيتا، ڪوشليا، ڪيڪئي، ڪُنتي ڪهڙن گروڪلن ۾ سکيا ورتي ويون، ڪهڙن آشرمن ۾ وڃي هنن برهمچريہ جو پالن ڪيو. گهٽين سنياس ورتو. گهڻو ڪري اِستريون پرڻيل يا وِڌوائون آهن، ڪنوارين ڪنيائن بابت تہ ڪُجهہ بہ لکيل ناهي.

هوءَ وري بي چئنيءَ وچان، رسالو کڻي پنا اُٿلائڻ لڳي. هن کي اِها ڳالهہ اَصل نٿي وڻي تہ هن کي پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي آچار ويچار ۽ وهنوار کي بدلي، وانپرست جو پالن ڪري، سنياس جي لاءِ تياري ڪرڻي آهي.

نہ، نہ، هوءَ اِئين نہ ڪندي، نہ ڪري سگهندي پر گروجي جو چوندا آهن سو ڪوڙ تہ نہ هوندو. هن کي لڳو، ڪا اوندهہ، آهستي آهستي هن کي وڪوڙي رهي آهي. هن جو رنگ روپ، پوشاڪ، پهراءُ بدلجي رهيا آهن. گهٻرائجي هن پاڻ کي صوفا تي ڪٽي سٽيو. پر ۾ سائيڊ ٽيبل تي رکيل پاڻيءَ جي بوتل هڪ ئي ڳيٽ ۾ پي ويئي. هڪ

Gul Hayat Institute

۽ ڏکو ساهه کنيائين تہ من ٿورو ٿڌو ٿيس. وِچ جيان چمڪي هڪ جملو هن جي ذهن کي روشن ڪري ويو، ”چري، اِهو سڀ مردن لاءِ آهي، زالن لاءِ نہ.“ پر وري خيال آيس، ’عورتن جي ويڙهہ جي سوال جو جواب تہ ڳولهڻو پوندو نہ.“

هلڪي من سان هن عطر جي شيشي کڻي سڄي سرير کي خوشبوءِ سان تر ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ مهڪي پيئي.

ﮫﮪ

## گيت

✍ ڊولڻ راهي

سنڌي آهيو، سنڌين سان پو
سنڌيءَ ۾ ڇو نہ ڳالهايو
پنهنجن سان ٻِي ٻولِي ٻولي
ڇو ٿا پاڻ لڄايو
سنڌيءَ ۾ ڳالهايو.
وطن ڇڏيوسين، ويس ڇڏيوسين
ڪاڇ مٽيوسين، راڇ مٽيوسين
باقي هڪ نشاني پنهنجي
جڳ مان سا نہ مٽايو
سنڌيءَ ۾ ڳالهايو
ڇو ٿا پاڻ لڄايو.
پڪي هجن يا پَسُن جي ٽولي
پنهنجي پنهنجي ٻولن ٻولِي
گهوڙا هِڻڪن، پوئرا پٽِڪن
توهين تہ ماڻهو آهيو
سنڌيءَ ۾ ڳالهايو
ڇو ٿا پاڻ لڄايو.
ماکي، مصري، کنڊ، پتاشا
مِٺِي سين کان ماتر ڀاشا
پَلِ سيني کي گلي لڳايو
ماءُ کان مُنهن نہ مٽايو
سنڌيءَ ۾ ڳالهايو
ڇو ٿا پاڻ لڄايو.

ﮫﮪ

## ڪويتا

✍ سريچند ڪيسواڻي

اَرٿيءَ مٿان
اُڇلايل سِڪا ۽ پتاشا
پيڙ جي اَڳيان ڪِريا
سڀ پنهنجي
رفتار سان هلندا رهيا
ڪُلهن تي بار کڻي!
پيڙ جي پيرن هيٺ
سِڪا زمين ۾ دٻجي
روشنيءَ تي چمڪڻ لڳا.
اُتي هئي ٻارن جي پيڙ
واپس ايندي ڏٺم
پُريل پتاشي تي
ڪِولين ۽ ماڪوڙن جو جُهنڊ
هڪ لنبي قطار ۾
بااِنتظام هيا
۽ اِئين
ميناج ميڙجي ويو
ٻِرن ۾!

ﮫﮪ

Gul Hayat Institute

تڪليف سَهڻي پوندي آهي، اُنهيءَ ريت نه ڄاڻ ڪيترين ياتنائون آهن، جن کي صرف عورت ئي ڀوڳيندي آهي. ماهواري، ٻار پيدا ڪرڻ، بلاتڪار، ٻئي جي سهاري جيئڻ جهڙا ڪيترا ئي آزمودا آهن، جن کي هڪ عورت ڪانسواءِ ڪوئي نه ڄاڻي سگهندو ۽ هي سڀ سهڻ جي لاءِ هن کي ننڍپڻ کان ئي تيار ڪيو ويندو آهي. اَڄ ڪيترا گهر آهن، جتي اِن بابت ڪوئي ڇوڪرين سان ڳالهائڻ پسند ڪندو هجي؟

ورجينيا وُولف گهڻا سال پهرين هر گهر ۾ عورت جي لاءِ هڪ اَلڳ ڪمري ۽ ويهه هزار هر مهني جي وڪالت ڪئي آهي، ڪيترين عورتن کي نصيب ٿيو آهي اَڄ تائين؟

ديهه ۽ سونهن اِستريءَ جي شخصيت کي آزاد سُڃاڻپ ڏيندي آهي ۽ هن جي اِها ئي سُڃاڻپ مرد جي هيٺي آهي. هر خوبصورت عورت پنهنجي سونهن کي سُڃاڻندي آهي ۽ چترائيءَ سان اُن جو اِستعمال به ڪندي آهي، ڪيترائي دفعا هٿيار وانگر به. جيڪا جيترن بنڌنن ۾ آهي، اُها اوتري تِکڙمي به ٿيندي ويندي آهي، ڇو جو هن کي هر وقت تلوار جي ڌار تي هلڻو پوندو آهي ۽ هن جاگيري سماج جو مقابلو ڪرڻو پوندو آهي، ٿورو ترقي ٿي ناهي ته سمجهيو غرق ٿي.

مرد جي مقابلي اِستري پنهنجي ديهه ۾ وڌيڪ قيد آهي. هوءَ پنهنجي ديهه کان پري ٿيڻ يا اُن کي ڀُلجڻ چاهي ته به نه قدرت اُن کي اهو ڪرڻ ڏيندي، نه سوسائٽي. جاگيري (Feudal) سماج اِستريءَ جي ديهه کي هڪ ڍنگ سان واپرائيندو آهي ۽ پونجيوادي وِيَوَسٿا ٻي طرح. اِستري پنهنجي سونهن ڏانهن سڄاڳ هوندي آهي ۽ اِها ئي چيتنا هن کي بيوٽي ڪامپٽيشن ۽ بازار جي طرف وٺي ويندي آهي يا بستر جي رستي شڪتي ۽ ستا جي طرف.

جڏهن اِستريءَ جي ديهه جو ڪو مالڪ نه هوندو آهي ته ديهه پبلڪ پراپرٽي ٿي ويندي آهي. هر ڪوئي هن کي خريد ڪري سگهي ٿو. پر جيئن ئي اِستريءَ جي ديهه پبلڪ پراپرٽي ٿي ويندي آهي يا هوءَ پاڻ ڪري ڇڏيندي آهي، تيئن ئي سڀيتا سنسڪرتيءَ جا ٺيڪيدار شور مچائڻ لڳندا آهن. سڄي ڀارتيه سنسڪرتي، سڀيتا، ڌرم ۽ اِتهاس اِستري ديهه کي ڍڪڻ ۽ اُگهاڙڻ ۾ ئي لڳا پيا هوندا آهن، اُتي ئي بيٺا آهن.



Gul Hayat Institute

اِستري پنهنجي سونهن جي ڪري مارجي بہ سگهجي ٿي ۽ گدينشين بہ ٿي سگهي ٿي. هوءَ پنهنجي ديهہ جي اَندر بہ آهي ٻاهر بہ. ساڪشي ٿي ديهہ کي ڏسندي بہ آهي ۽ اَندر ويهي ديهہ کي پوڄيندي بہ آهي ۽ اِهو بہ سچ آهي تہ جڏهن جڏهن اِستريءَ پاڻ کي سڃاتو آهي، جڏهن جڏهن هوءَ پنهنجن پيرن تي بيٺي آهي، تڏهن تڏهن پوري شباب تي آئي آهي، پنهنجي شخصيت جو احترام ڪرايو آهي. ديش هلائڻ واريون اِستريون اُهي ئي رهيون آهن، جن کي پنهنجي ڪمن جو حساب ڪنهن مالڪ کي نہ ڏيڻو پوندو آهي يا جيڪي پنهنجا فيصلا پاڻ وٺي سگهيون آهن. عورتون بہ ستا جي ڪرسيءَ تي ويٺيون آهن - هندن ۾ گهٽ، شريعت جي شڪنجي جي باوجود مسلمانن ۾ وڌيڪ ... رضيا سلطان، چاند بيبي، حضرت محل، بينظير ڀٽو، حسينا شيخ، خالدا ضيا. اَسان وٽ جهانسيءَ جي راڻيءَ ۽ اَهليا ٻائيءَ ڪانپوءِ سِڌو اِندرا گانڌي آهي. پر اُهي اِستريون بہ مردن جي وڇايل شترنج جي بساط تي اُنهن جي نيمن جي حساب سان ئي کيڏينديون رهيون، اِها بہ اُنهن جي مجبوري هئي، اُنهن اِسترين لاءِ تہ ڪجهہ نہ ڪيو پر ڪوشش اِها ئي ڪئي تہ هنن ۾ ڪا اِستريءَ جهڙي ڪمزوري رهجي نہ وڃي. هندستاني سماج جي راڄنيتيءَ ۾ اِندرا گانڌي هڪ خاص موڙ هئي، جنهن کان ڪيترين اِسترين پريرڻا ورتي.

ديهہ، اِستريءَ جي سڃاڻپ جي روپ ۾ سندس گُڻ بہ آهي ۽ گار بہ.

اِستريءَ جو سنبنڌ پنهنجي ديهہ سان ڏاڍو پيچيدو آهي. هوءَ پنهنجي ديهہ سان پريم بہ ڪندي آهي، نفرت بہ. اَصل ۾ هر پل هن کي ياد هوندو آهي تہ هڪ مرد جي نگاهہ ۾ هوءَ ڪيئن ٿي لڳي. سِمون بوئووار لکيو آهي تہ ”آئيني جي سامهون“ بيهي جڏهن هڪ اِستري پاڻ کي اَلڳ اَلڳ اينگل کان ڏسندي آهي تہ اصل ۾ هوءَ پنهنجي گهري اَوچيتن ۾ بيٺل مرد جي ”واهہ“ گُهرندي آهي. هوءَ ڪڏهن طئہ ئي نہ ڪري سگهندي آهي تہ پنهنجي ديهہ کي ڪيئن وٺي؟ هن جو پنهنجي ديهہ سان رشتو بہ اَدرشيہ ۽ اَشريري مرد ئي طئہ ڪندو آهي.

مرد جو نظريو - اِستريءَ ڏانهن مرد جي سچي ڌارڻا ٻن مول تتوَن سان ٺهيل آهي، پيُرُ ۽ نفرت. هوءَ پنهنجي آڪرمڪتا ۽ سمرپڻ ٻنهي ۾ مرد جي وجود کي ختم ڪندي آهي.



Gul Hayat Institute

ڪان سواءِ ڪجهه بہ ڪونهي. اِستريءَ جي عزت جو هڪ ئي شرط آهي تہ هوءَ ڪٽنب ڏانهن وفادار رهي.

بابا صاحب اَمبيڊڪر چيو آهي - 'غلام جو پنهنجيءَ غلاميءَ طرف اَحساس ئي بغاوت جي پهرين شروعات آهي.'

اِستري هڪ اَهڙي وهندڙ ندي آهي، جنهن جو پاڻ جنهن باسڻ ۾ پوي ٿو، اُنهيءَ جهڙو ٿي ٿو وڃي.

اَڄوڪي اِستري هيءَ ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي ويئي آهي تہ شادي ۽ پريوار سندس آزاديءَ ۾ روڙو آهن. اِنڪري اَڄڪلهہ آزاد ڇوڪريون شادي نہ ڪرڻ چاهينديون آهن ۽ لوِ اِن ۾ رهڻ چاهينديون آهن. شادي ۽ ڪٽنب اِستريءَ جي حفاظت بہ ڪندا آهن ۽ هن جي وجود کي ختم بہ ڪندا آهن.

شاديءَ جي ويوسٿا ۾ جيتريون بندشون هڪ اِستريءَ تي آهن، اوتريون هڪ مرد تي نہ. هيءَ ويوسٿا عورت جي وجود تي ئي هلي رهي آهي. جيستائين عورت پنهنجي هٿڻ کي محمل (ٿاري) ڪري سگهي ٿي يعني مرد جي ويوسٿا کي قبول ڪري هلي ٿي، تيستائين هوءَ سٺي آهي. سمجهدار ۽ عزتدار آهي. پر جنهن ڏينهن هن پنهنجي عورتپڻي کي ترجيح ڏني، ڪو آزاد چُناءُ ڪيو، مالڪن جي خلاف ويئي، بغير شاديءَ ماءُ ٿي يا ڪٽنب جي خلاف وڃي پنهنجي ڪيريئر جي چونڊ ڪئي، ڪنهن پرپُرش ۾ دلچسپي ڏيکاري، پوءِ ڏسو. هيءَ جاگيري (Feudal) ستا هن جو ڪهڙو حال ٿي ڪري.

جاگيري (Feudal) ويوسٿا ۾ ناري صرف هڪ شيءِ آهي، سنڀوڳ ۽ سنتان جي اِڇا پوري ڪرڻ واري هڪ مادا. هتي سيوا، اُپيوگ ۽ وفاداري جي قيمت تي مرد هن کي اُنهيءَ ريت سجائيندو سنواريندو، خيال رکندو ۽ ذميداري کڻندو آهي، جيئن هوُ پالتوُ پسُن کي پاليندو ۽ پريم ڪندو هجي.

**ڌرم ۽ جاتي** : جاگيري پريوار ۾ اِستريءَ جو نہ ڪو نالو هوندو آهي، نہ چهرو. نالي وانگر اِستريءَ جي ڪا جاتي بہ نہ هوندي آهي. هن کي پتيءَ جو نہ صرف سرنيم بلڪ جاتي بہ ملندي آهي. جاتي ئي نہ، اِستريءَ جو پنهنجو ڪو ڌرم بہ نہ هوندو آهي. ڌرم بہ مرد جو ئي هوندو آهي. نہ ڄاڻ ڪيتريون زالون دنگن ۾ يا پنهنجو پاڻ ٻئي ڌرم ۾ ويون ۽ وري اُتان جون ئي ٿي ويون. بجاج، قُريشي ٿي ويئي،

Gul Hayat Institute

شالني، شاهين ٿي ڪري به رهي ٿي. ٻارن کي به نالا پيءُ جي سرنيم جا ملندا آهن. هن جي عزت جو صرف هڪ شرط آهي ته هوءَ پريوار جي لاءِ وفادار رهي. فرضن ۾ ڪوتاهي ٿي ته حق به مارجي ويندا. هوءَ هر ساهه ۾ پريوار جي حفاظت جي دعا گُهرندي آهي.

مسلمان گهر ۾ وِيل هندو اِستري ڏهن ويهن سالن ۾ مسلمان ئي ٿي ويندي آهي. گهڻو ڪري اِستريءَ کي نئون ڌرم قبول ڪرڻ ۾ ڪا به دِقت نه ٿيندي آهي. هن جي ڪم جو ايريا رنڌڻي کان هنڌ تائين هوندو آهي.

**اِستريءَ جي ڀاشا** : چوندا آهن، ڀاشا سان ئي اِنسان جو وجود آهي. ڀاشا اِظهار جي سطح تي اَچڻ کان پهرين ماڻهوءَ جو سنسڪار، سُڀاءُ ۽ پرڪرتي ٿي ويندي آهي. اِستريءَ جي وِڊنمبنا اِها آهي ته جنهن ڀاشا کي هوءَ پنهنجو سمجهندو آهي، اُها ڀاشا به هن جي ڪانهي. اُها ڀاشا به مرد جي هوندي آهي، جيڪا اِستريءَ کي پنهنجي طاقت جو اَحساس ڪرائيندي آهي. ٻوليءَ جا سڀ اِشارا ۽ مُحاورا مردن جي حساب سان ٺهيل آهن، هوءَ اُنهن کي ئي واپرائيندي آهي ... هوءَ به پنهنجي پُٽ کي چوندي آهي ...

'عورتن وانگر ڇو ٿو روئين؟'

'ڇوڪرين وانگر ڇو ٿو ڊڄين؟'

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ڏڙلي سان ماءُ ۽ ڀيڻ جون گاريون به ڏيندي آهي ۽ ڀُلجي ويندي آهي ته هوءَ پنهنجي ئي بي عزتي ڪري رهي آهي. وري به ... وري به تمام بندشن جي باوجود اِشارن ۽ ڳجهن لفظن ۾ هن پنهنجي هڪ نهايت نجي ٻولي به ٺاهي آهي. هوءَ اِشارن ئي اِشارن ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون چئي ۽ سمجهي ويندي آهي. حالانڪ ضابطي ۽ اَسُرڪشا جي درميان پنهنجي ڳالهه چوڻ ۽ مڃائڻ به هڪ ڏکي ڳالهه آهي. هن جا سڀ گيت ۽ پڇن پنهنجن ئي ڏُکن جو اِظهار آهن. مرد کان ڪرپا جي بيک گُهرندي اِستريءَ جي ياچنا لڳ ڀڳ هر جڳهه هڪ جهڙي آهي. پُرش هن کي 'وڏوا ولاپ' يا 'عورتن جي ٻڙٻڙ' چوندو آهي. نه ڄاڻ ڪيترين شين هوءَ پرش کان گُهرندي آهي، پنهنجو آتم سمان به. هارايل اِستري جهيڙاڪار ۽ غُصيل ٿي ويندي آهي. اِهو ئي 'ورلاپ' ۽ 'جهيڙا' سندس بغاوت آهي.

مرد ۽ اِستري جي ٻولي هڪ ٿي به نٿي سگهي، ڇو جو هنن جي اِظهار جا طريقا اَلڳ آهن، سوچ ۽ سنسڪار اَلڳ آهي. هوءَ جن تجربن



Gul Hayat Institute

۽ ڪنڊيشننگ ڪيتري ڳَهري آهي، اُن لاءِ هڪ مثال ۾ مان توهان تي 'پالا ريگي' جي ناول 'اِستوري آف او' کي ٿوري ۾ ٻڌايان ٿي ... هيءُ هڪ فرينچ ناول آهي، جنهن فرانس ۾ ڪافي ٿهلڪو مچايو هو.

'او' جي نايڪا پڙهيل لکيل آهي، پاڻ ڪمائيندي آهي ۽ پاڻ فيصلو وٺندي آهي، هوءَ نايڪ جي پريم ۾ ايتري ديواني آهي جو هن جي چوڻ تي پنهنجي پريم جو اِمتحان ڏيڻ لاءِ پنهنجي خوشيءَ سان پاڻ کي سر هينريءَ جي ياتنا گهر جي حوالي ٿي ڪري ڇڏي. هوءَ پريم جي خاطر سڀ ڪجهه خوشيءَ خوشيءَ سهندي رهي ٿي. هتي پاڻ سان ريپ، گُدا مئٿُن کان وٺي ڪوڙي بازي، زنجيرن سان ٻڌڻ سڀ ٿو ٿئي، ڏيري ڏيري هن جي سڄي اِڇا شڪتي ختم ٿي ٿيندي وڃي. هوءَ اُنهن تڪليفن ۾ سک وٺڻ تي لڳي، هن کي لڳي ٿو ته هوءَ ديهه کان مُڪت ٿي رهي آهي ۽ آخرڪار هوءَ هڪ اَهڙي پلپلي ڪدوءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ ڪا به زندگي، بغاوت يا اَحساس ختم ٿي چڪو آهي. هوءَ هاڻي تيار آهي ته سر هينري هن کي جيون کان مُڪت ڪري ڇڏي، اِهو آهي پنهنجي مرضيءَ سان هڪ ماڻهوءَ جو شُونيه ٿِي وڃڻ.

هن ناول تي سِمون د ٻئووار جو چوڻ آهي ته - 'جيڪو ماڻهو ٻين جي ياتنا جي لاءِ پاڻ کي پٿر تو ڪري ڇڏي، اِهو خود پاڻ پنهنجي تڪليف جي لاءِ به هڪ پٿر نهي ويندو آهي. اِنڪري هتي غير محسوسيت ئي ڏسڻ گهرجي. 'او' جي ڪهاڻي اِنهيءَ ٿڌي ڪُرورتا سان غلاميءَ جي مِٿ تي پنهنجي چِرم تي وٺي وڃڻ جي وڪالت ٿي ڪري، اِنڪري دهشت ٿي جاڳائي. هزارن سالن جو اِتهاس جڏهن توهين ڪولي وِهندا ته اِنهيءَ نتيجي تي پهچندا.'

اِهو به سچ آهي ته سڄي دنيا ۾ ڪجهه عورتون اَهڙيون به ٿيون آهن، جيڪي سَتا جي چوٽيءَ تي پهتيون آهن ۽ اوستائين پهچڻ جي لاءِ هنن کي سڀ کان پهرين پنهنجو عورت نه هجڻ ثابت ڪرڻو پيو آهي. تسليما نسرين هجي يا بينظير ڀٽو، اِندرا گانڌي هجي يا ٻي ڪائي، سڀني کي پرش جي خلاف بيهڻ ۾ گهڻو وقت ۽ محنت لڳي آهي.

**اِستري مڪتيءَ جو سپنو :** دَمن جيترو وڌيڪ هوندو، بغاوت اوتري تِکي. مرد ڪڏهن نه چاڻي سگهندو ته جنهن اِستريءَ کي هوُ گهر ۾ ڇڏي آيو آهي، هوءَ سندس خلاف ڪهڙي سازش رچي آهي يا جنهن



Gul Hayat Institute

ٻار کي هوءُ پنهنجو ٿو سمجهي، اُهو در اَصل ڪنهنجو آهي؟ مرد جي سڄي ڪامنا هڪ ورجن اِستري حاصل ڪرڻ جي هوندي آهي تہ هوءُ هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي يا هوءُ اِستريءَ کي هن جي چيلهہ کان هيٺ رکي. چيسٽٽي بيلٽ جو تصور اِن ئي خواب جي ڳالهہ ٿو ڪري. اِستريءَ جو دماغ هن جي لاءِ هڪ بيڪار شيءِ آهي. جيستائين اِستري مرد جي چٽيءَ کان ٻاهر نہ ايندي، تيستائين هوءَ پاڻ کي سُڃاڻي نہ سگهندي. غلامي حفاظت تہ ڪندي آهي پر بدلي ۾ سڀ ڪجهہ ونئي ڇڏيندي آهي.

اِستري هيءُ سوال بہ پڇڻ چاهي ٿي تہ سڄي سنسڪرتي، ڌرم ۽ نئتڪتا جي ذميواري صرف هن جي ڪُلهن تي ڇو آهي؟

اَڄ جڏهن چڱي سڄاڳي آئي آهي تڏهن بہ اِستري مڪتيءَ جو هڪ آندولن نہ ڄاڻ ڪيترين غلط فهمين ۽ مشڪلاتن جو شڪار آهي پر هن پرڪريا ۾ فينڪس پکيءَ جيان هر - هر مري، وري پنهنجي ئي رَک مان نئون جنم ونڻو پوندو.

سنسار جو هر بدلاءُ پهرين دماغ ۾ پيدا ٿيندو آهي، پوءِ زميني حقيقت ٺهندو آهي. اِستريون پنهنجي من ۽ دماغ سان هنن ورجنائن کان مڪت ٿي رهيون آهن. سڀ تہ نہ پر ڪجهہ مُٺ پر اِستريون وڏي فخر سان اَڄ پنهنجن پيرن تي بيٺيون آهن.

پاڻ کي پورو ثابت ۽ اَکنڊ روپ ۾ جيئڻ جو حق حاصل ڪرڻ ئي اِستري ومرش جي مول ڀاونا آهي.

جيستائين شوشڻ سنگهرش ۽ اُن کان مُڪتيءَ جو خواب اِنسان وٽ آهي، تيسين تائين اِستري ومرش ختم نٿو ٿي سگهي. اِهو سچ آهي تہ اِستري مڪتيءَ جا جهيڙا ٽريڊ يونين وانگر پلان ڪري نٿا وڙهي سگهجن، پر اِهو بہ سچ آهي تہ مڪتيءَ جي هيءَ چيتنا ڪٽنب ۽ بيڊروم تائين پهچي رهي آهي ۽ سمهندڙ اِسترين کي جاڳائي رهي آهي.

اِستريءَ جي مڪتي سڄي سماج جي مُڪتي آهي، ڇو جو مڪتي ڪڏهن بہ اَڪيلي جي نہ هوندي آهي.

Gul Hayat Institute

سوچ جون صورتون:

# پاڻ سان ڳالهه ٻولهه

✍ اَرجن چاولا

سماج ۾ رهندي گونگائپ نہ سونهين. پر جاڏي واڏي گونگائپ اختيار ڪرڻ ۾ ڪا نہ ڪا مصلحت يا چترائي واري سوچ لڪل هوندي آهي. ڏسجي تہ گونگو ئي رهڻ ۾ جس ڪونهي. ٻين سان لهہ-وچڙ (Mixing-dealing) ضروري آهي. ان لاءِ ڳالهہ ٻولهہ يعني وارتالاپ يا گفتگو هڪ ذريعو آهي. لڳاتار چپ رهڻ خواه گهڻي ڳالهائڻ کي بہ گهٽ پسند ڪيو تو وڃي. گفتگوءَ لاءِ ٻين جي ضرورت پوي ٿي. گفتگو ڪنهن ٻئي شخص سان، ڪنهن سڀا ۾، ميٽنگ ۾ يا سموهہ ۾ ڪئي ويندي آهي ۽ سماجڪ جيون ۾ اها گفتگو يا وارتالاپ نهايت ضروري آهي. پر سڀ کان سريشٽ ۽ اُتم ڳالهہ ٻولهہ يا گفتگو اها آهي جيڪا پاڻ سان ڪجي ٿي. ٻين سان گفتگو جو روپ سنساري يا دنياوي مسئلن تائين محدود ٿي سگهي ٿو پر پاڻ سان گفتگو پاڻ کي پرکڻ - سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سچا سنت، ڪامل درويش، لاطمع فقير، شاعر، گياني-ڌياني، وگياني، فيلسوف وغيره ٻين سان گهٽ پر پاڻ سان ئي اَڪثر وارتالاپ ڪندا رهيا آهن.

پاڻ سان ڳالهائڻ ۽ پاڳمرادو ڳالهائڻ ۾ فرق آهي. مانسڪ روڳي بنا سبب پاڳمرادو ڳالهائيندا ملندا آهن. پاڳمرادو ڳالهائڻ وارن لاءِ ڪراهت (Repulsion) پئدا ٿئي ٿي. ڪٿي ۽ ڪڏهن چپ رهجي ۽ ڪٿي، ڪڏهن ۽ ڪيترو ڳالهائجي، ان لاءِ سوجهہ ٻوجهہ کپي. پاڻ سان ڳالهہ ٻولهہ يا گفتگو ۾ پاڻ کي سمجهڻ جو موقعو ملي ٿو. ۽ پاڻ کي سمجهڻ ڪانپوءِ ئي پاڻ کي پائڻ جي گنجائش پئدا ٿئي ٿي.

پاڻ کان پريرو پتوريو گهڻو

پاڻ کي پاڻ ۾ ئي مون پاتو

در حقيقت پاڻ کي پائڻ ئي تہ جيون جو مول مقصد آهي.

ٻين سان وارتالاپ ۾ Competitive Spirit ڪم اَچي ٿو ڇاڪاڻ تہ ٻين کي قائل ڪرڻ ۽ سامهون واري تي حاوي ٿيڻ ئي تہ مقصد آهي ۽ انهيءَ مان تناوَ تہ پئدا ٿيندو ئي. پر پاڻ سان گفتگو ڪرڻ ۾ شانتي ملي ٿي ۽ راه بہ روشن ٿئي ٿي. دنيا جا وڏا گرنٿ، ويد پراڻ وغيره رچنائون رچيتائن جي پاڻ سان گفتگو جو نتيجو ئي تہ آهن. وڏا شاعر، اَديب ۽ رچناڪار پاڻ سان ئي زياده ڳالهہ ٻولهہ ڪندو رهڻ سبب سريشٽ رچنائون ڏيئي سگهيا آهن.

ٻين سان اُلجهي ماڻهو پاڻ کي کوهي ٿو ويهي پر پاڻ سان اُلجهي پاڻ کي پرکڻ



Gul Hayat Institute

- سُڃاڻڻ ۾ سؤل ٿئي ٿو. پاڻ کي پرکڻ جو ڏانءُ اَچي وڃي ٿو ۽ بيو ڇا کپي. ٻين سان وارتالاپ ته وهانءِ (entertainment) آهي پر پاڻ سان ڳالهه ٻولهه حاصلات (achievement) آهي. پاڻ سان گفتگو ڪرڻ وارو شخص زياده سڪون ماڻي ٿو بنسبت ان شخص جي جيڪو ٻين سان گفتگو ۾ اُلجهيل رهي ٿو. ٻين سان گفتگو جو مزو ماڻڻ جو شوق اَڪثر ماڻهن ۾ ڏٺو ويو آهي پر پاڻ سان گفتگو ڪرڻ جي ڪلا جي باري ۾ هر ماڻهوءَ کي نه ته ڪا ڄاڻ آهي ۽ نه وري ڪو شوق. ٻين سان گفتگو سماجڪ جيون جي تقاضا به آهي ۽ ضرورت به. پاڻ سان گفتگو ڪرڻ واري شخص کي پيڙ ۾ اَڪيلو ئي رهڻو پوي ٿو ۽ شورو غُل ۾ ٻوڙو بڻجي هلڻو پوي ٿو.

**پيڙ هيڏي هئي - اَڪيلو ئي پيس!**
**شورو غُل ايڏو جو ٻوڙو ٿي پيس!**

پيڙ ۾ پاڻ کي اَڪيلو بڻائي هلڻ وارو ۽ شورو غُل ۾ پاڻ کي ٻوڙو ڪري هلڻ وارو شخص ئي پاڻ سان گفتگو ڪري سگهي ٿو. پيڙ جو حصو ٿي هلڻ واري کي اهو موقعو نٿو ملي.

سنساري مشغولين سان نباهه ڪندي ۽ خوشگوار يا ناخوشگوار حالتن کي منهن ڏيندي جيڪڏهن ڪو شخص خود سان هم-ڪلام ٿيڻ جي جُڳت پيدا ڪري ٿو ته اها سندس وڏي حاصلات ليکبي.

## غزل

✍ اَرجن چاولا

اَڻ ڏٺل راهه جو مان پانڌيئڙو،
ڪيڏو لنبو آ سفر، ڪيئن چئجي!
موّج مستي رُڳو سپنن ۾ رهي،
عمر پر گذر بسر، ڪيئن چئجي!
هِت ته شهرن جي نمائش آ لڳل،
ڪهڙو آ پنهنجو شهر، ڪيئن چئجي!
مُرڪندڙ مُنهن، ڪُرڪندڙ دل-هي شايد
ڪلجُڳي آ ڪو هُنر، ڪيئن چئجي!
هيئن ته ناهوڪو لڳي ٿو هوُ، مگر
ڪهڙو وڪڙي ٿو وکر، ڪيئن چئجي!
هوُ ڪلي ٿو ڄڻ روئي ٿو، ڇا مٿس
ڪنهن هوا جو آ اَثر، ڪيئن چئجي!
آئينو پنهنجو مرم ڄاڻي ٿو
پر لڳي ڪيس نظر، ڪيئن چئجي!

## ڦوهه برسات

✍ موهن همٿاڻي

اَءِ بادلو
اِئين بي رحميءَ سان نه وَسو!
توهان کي ڪهڙي خبر
اَهڙين سانوڻين
برساتين جي جهرندي
برهه جي باهه ۾ وڪوڙيل
هِڪ مدهوش ڇهاءَ لاءِ مُنتظر
هُنِ جو ڦوهه ترامئي جسم
۽ جُهلسيل - لهسيل چپ
ڊِگهي وقت کان آتا آهن
هِڪ ڊگهي چُميءَ لاءِ.



Gul Hayat Institute

# آٽوميٽڪ رائيٽنگ

✍ ڪليم ٻٽ

عام طور تي لکڻ جي حوالي سان اهو مڃيو ويندو آهي تہ لکڻ هڪ سوچيل سمجهيل ۽ مڪمل رٿابندي وارو عمل آهي، جنهن جي لاءِ ذهن کي پوري طرح تيار ڪيو ويندو آهي ۽ خيالن جي ڪڙين کي هڪ ٻئي سان جوڙي ڪو ليکڪ ڪهاڻي، ناول، شاعري، مضمون يا ٻيو ڪجھ لکندو آهي. مان بہ انهيءَ نظريئي جو آهيان تہ لکڻ ۽ خاص ڪري تخليقي لکڻيون نج پج اِنساني ذهن جي پيداوار آهن، اهي ڪنهن خاص موضوع تي ليکڪ جي سوچ ۽ خيال جو اِظهار هونديون آهن.

پر مون ڪجھ ليکڪن جي واتان خاص ڪري شاعرن جي حوالي سان اهو چوندي ٻڌو آهي تہ شاعري هنن مٿان الهام جيان ايندي آهي. مان ذاتي طور ان خيال جو آهيان تہ اهو چوڻ پنهنجي ذات ۽ تخليقي صلاحيتن کي حقير ڪرڻ مثل آهي. خير نہ رڳو اَسان وٽ پر پوري دنيا ۾ ان خيال جا ماڻهو رهيا آهن جن ان قسم جون ڪيترين ئي دعوائون ڪيون آهن. ان قسم جي لکڻين کي ''Automatic Writing'' يا نفسياتي ماهرن موجب 'سائيڪوگرافي' (Psychography) سڏيو وڃي ٿو.

نفسياتي ماهر اينا سيس (Anna Sayce) سندس هڪ مضمون ''How to Do Automatic Writing'' ۾ هن جي وصف ڪندي لکي ٿي تہ هن قسم جي لکڻيءَ ۾ عام طور اهو تصوير ڪيو ويندو آهي تہ لکڻ وارو عمل سوچ ۽ لوچ جو محتاج نہ آهي، ڏينهن جي ڪنهن خاص حصي ۾ ڪو پل اَهڙو هوندو آهي جو اَوهان جو هٿ پاڻمرادو ڪاغذ ۽ قلم ڏانهن ڪڇي ويندو آهي، لفظن ۽ خيالن جي آمد پاڻمرادو ٿيڻ لڳندي آهي ۽ اَوهان بنا ڪنهن تڪ جي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيا لکندا آهيو. اوستائين جيستائين اَوهان جي غيبي طاقت (supernatural being) اَوهان سان گڏ هوندي آهي ۽ ان وقت گذرڻ ڪانپوءِ اَوهان جو هٿ لکڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ خيال ٽِڙي ويندا آهن. علم نفسيات ۾ ان کي اِسپرٽ رائيٽنگ (Spirit Writing) بہ چيو ويندو آهي.



Gul Hayat Institute

Encyclopedia.com هن لفظ جي تشريح ڪندي ڄاڻائي ٿو ته اَهڙي لکڻي جنهن ۾ شعور جو ڪوبه عمل دخل نه هجي ان کي آٽوميٽڪ رائيٽنگ سڏيو ويندو آهي. جڏهن ته روحانيت ۾ ويساهه رکندڙ اهو مڃيندا آهن ته هن قسم جون لکڻيون روح اَچي لکرائي وينديون آهن. پر گهڻي ڀاڱي تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته ان ۾ ليکڪ جي لاشعور جو وڏو هٿ هوندو آهي.

وڪيپيڊيا جي ڏنل ڪيل ڄاڻ موجب آٽوميٽڪ رائيٽنگ جي حوالي سان سڀ کان پراڻو حوالو ١٦هين صديءَ جو ملي ٿو جڏهن اينوچين اينجلس (Enochian Angels) نالي هڪ نظام جو بنياد رکيو ويو، ان جو بنياد رکندڙ جان ڊي (John Dee) ۽ ايڊورڊ ڪيلي (Edward Kelley) ان کانپوءِ فرانس جي سوريلسٽ شاعر رابرٽ ڊيسناس (Robert Desnos) اها دعويٰ ڪئي ته هو سيني کان وڌيڪ صلاحيتن وارو آٽوميٽڪ ليکڪ آهي. اَهڙي ريت وليم يِٽس (William Yeats) جي زال جورجيا هيڊ ليز (Georgie Hyde-Lees) به ان قسم جي دعويٰ ڪئي هئي. آٽوميٽڪ رائيٽنگ جي حوالي سان سڀ کان مشهور حوالي جڳ مشهور ناول نگار چارليس ڊڪنس (Charles Dickens) سان ڳنڍيو ويندو آهي. تان جو ڊڪنس سندس زندگيءَ ۾ ان قسم جي ڪابه دعويٰ نه ڪئي هئي پر ١٨٧٠ ۾ جڏهن هن جي موت ٿي ته سندس ناول مسٽري آف ايڊون ڊورڊ (Mystery of Edwin Drood) اَڌ ۾ رهجي ويو هو، ان تي ٽِي.پِي. جيمز پرنٽرز جي مالڪ اهو چيو هو ته ڊڪنس جو روح ناراض هو پوءِ ان روح هن (جيمز) کان اهو ناول پورو ڪرايو.

پر علم نفسيات جي ماهرن اَهڙن دعوائن کي رد ڪندي چيو آهي ته ان قسم جي خيالن جو لاڳاپو انسان جي لاشعور سان آهي. تان جو هي ڳالهيون ڪجهه پڙهندڙن کي عجيب لڳنديون، ڪجهه پڙهندڙ ان کي غير منطقي ۽ حقيقت کان ڏورانهون سمجهندا. ڪجهه پڙهندڙ هن مضمون کي اَجايو به سمجهندا پر منهنجي خيال ۾ اَدب جو وڏي ۾ وڏو ڪمال اهو آهي ته ان سان هر قسم جو خيال ونڊي ۽ ان تي بحث ڪري سگهون ٿا.



Gul Hayat Institute

# اَرجن حاسد جي ديهانت تي
# ڇيهون ڇيهون من هئو

✍ رڪيل مورائي

هند ۾ سنڌي غزل کي سچ پچ جن شاعرن پنهنجي تخليق ۾ آڪاس تي پهچايو، اَرجن حاسد انهن مان هڪ هئو، سنڌي جديد غزل اَڄ اُڀاڙڪو ٿي ويو آهي. هند ۾ وري ڪيس اَرجن حاسد نہ ملي سگهندو، ڇاڪاڻ اَڄ هو پاڻ ئي سنڌي غزل سان ناتو ڇني هليو ويو آهي.

اِئين تہ اها ڪهاڻي بہ اُداس ٿيندي جيڪا اَرجن حاسد جي قلم جو سواد چکي نہ سگهي. مجموعي طور سنڌي شاعريءَ جي هند ۾ رهندڙ پهرئين نسل جو آخري شاعر اَرجن حاسد هئو، جيڪو اَڄ اَسان وٽ نہ رهيو آهي.

ساهتي پرڳڻي جي ڪنڊياري تعلقي، اَڳوڻي نواب شاہ ضلعي ۽ هاڙوڪي نوشهرو فيروز ۾ ستين جنوري اوڻويهہ سؤ ٽيهن ۾ جنم وٺندڙ اَرجن حاسد پنهنجي شاعراڻي نالي ڪان اَڳ ڇيٺانند تنواڻي هئو، جيڪو ورهاڱي جي واءَ ۾ اُڏامي، گجرات جي گاديءَ واري شهر اَحمدآباد ۾ وڃي وسيو ۽ سڄي ڄمار اتي ئي گذاريائين.

اَدب ۾ اَرجن حاسد ڪيترو لکيو ۽ اَرجن حاسد تي ڪيترو لکيو ويو، اهو هڪ ڊگهو داستان آهي، جيڪو اَسان جي ڪم اَچي سگهي ٿو پر هاڻ اَرجن حاسد ان سڀ کان گهڻو ڏور هليو ويو آهي.

هن جهان ۾ رهندي گهٽي ئي دوريءَ تان بہ هڪ پيرو هو پنهنجي جنم يوميءَ کي وري ڏسي سگهيو، ان جي مٽي ماٿي لاتائين ۽ اهو اَحساس ڏياريائين تہ وقت ڪڏهن نہ ڪڏهن ويڇا ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انهن ختم ٿيل ويڇن جي وقت هن سموري سنڌ پنهنجي اَکين سان ڏٺي، مونکي اهو اعزاز رهندو تہ سنڌ ۾ گذاريل سمورو وقت مان ساڻس گڏ رهيس ۽ سندس شاعريءَ توڙي ويجهڙائي جو مزو ماڻيم.

اَرجن حاسد جيڪو پنهنجي طبيعت ۾ بيحد خوددار شخص، ڪنهن جي بہ نہ ٻڌڻ وارو ۽ نہ سهڻ وارو ساڳئي وقت ڪمال جي مزاح ساندِيندڙ ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪنهن بہ نماءَ ڪان ڪوهين ڏور ۽ اَڪثر پوين ڪرسين تي ويهندڙ، اها بي ڳالهہ آهي تہ اَڳيان رکيل ڪرسيون سمورو عرصو سندس ويهڻ لاءِ آسائتيون رهيون پر هن خوددار شخص ۽ شاعر، پنهنجي

نماڻي طبيعت رکندڙ ڪنهن بہ غير ضروري عمل کان پاسو ڪيو.

اَرجن حاسد جو سنڌي جديد غزل ۾ ڪيترو حصو آهي، ان جو وچور ڏيڻ لاءِ هي ليک نہ آهي. سندس جدا ٿيڻ سنڌي اَدب، سنڌي ٻولي، سنڌ ۽ ڪنڌيارو اَڄ سوڳ ۾ آهن. اِئين هند جا اَديب پڻ پنهنجي هڪ اعليٰ شاعر ۽ هاڻ هن جو هڪ ڪهاڻي ڪتاب بہ آيو آهي انڪري ڪهاڻيڪار، هڪ اعليٰ مرتب ۽ مرڪندڙ ماڻهوءَ جي وڇوڙي تي ضرور دکي هوندا. جيڪو دک اَسان سيني سنڌين جو گڏيل دک آهي، جيئن سنڌي اَدب اَسان سيني سنڌي اَديبن جو گڏيل اَدب آهي، انڪري اَرجن حاسد جو ديهانت سموري سنڌي اَدب لاءِ هڪ بيحد ڏکوئيندڙ خبر آهي.

سندس خال تہ پرجڻ جو نہ آهي پر اهو اَسان جي وَس ڪٿي آهي تہ اَسان پنهنجي پيارن کي سدائين پاڻ سان گڏ رکي سگهي. اَرجن حاسد هند توڙي سنڌ ۾ بيحد پيار سان پڙهيو. ويندڙ هڪ اَهڙو شاعر، جنهن نئين ٿهيءَ کي گهڻو اُتساهہ ڏنو لکڻ لاءِ. هن اُٺويهہ سؤ ڇاونجاهہ کان لڳاتار لکڻ شروع ڪيو تہ زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين سندس قلم بند نہ ٿيو. سندس قلم جي نوڪ مان نڪري نروار ٿيل ڪتاب آهن:-

(١) سواسن جي سرهاڻ (شاعري)، ١٩٦٦ع (٢) پٽر پٽر ڪندا ڪندا (شاعري)، ١٩٧٤ع (٣) ميرو سج (شاعري)، ٩١٨٤ع (۴) موڳو (شاعري)، ١٩٩٢ع (۵) اُڃ (شاعري)، ١٩٩٩ع (٦) ساهي پٽجي (شاعري)، ٢٠٠٨ع (٧) ماٺ جي مرڪ (شاعري)، ٢٠١٠ع (٨) هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب، ٢٠١٧ع

ان کانسواءِ هن هڪ کان وڌيڪ ڪتاب مرتب ڪيا، ترجما ڪيا ۽ ايڊٽ ڪيا. اِئين مٿس پڻ هڪ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا ۽ مرتب ڪيا ويا آهن. ڪيئن بہ اَرجن حاسد هڪ تخليقي شاعر هئو، سندس غزل پنهنجي اَلڳ سُڃاڻپ رکندڙ هئو. اِئين شخصيت ۾ بہ هڪ اَلڳ سُڃاڻپ رکندڙ اَهڙو شخص، جنهن سان ڪچهري ڪندي دل نہ ڀرجي. ڪيس ڏسندي اکيون نہ ڍاپن ۽ ڪيس پڙهندي هڪ اُتساهہ ملي. هند وري اَهڙي ليک - شخص لاءِ گهڻو وقت سِڪندي، سنڌ تہ پنهنجي هن وڇڙي ويل پٽ لاءِ اوڇنگارون ڏيئي رُني آهي. جيڪو اَڄ کانئس سدائين لاءِ وڇڙي ويو!

سنڌ جا اَديب ۽ شاعر اَرجن حاسد جي وڇوڙي جي ڏک ۾ هند



Gul Hayat Institute

جي ليکڪ برادريءَ سان گڏ آهي. انڪري ئي تہ نارائڻ شيام چيو هئو:

سنڌ سنڌين ۾ وَسي،

سنڌين هتي، سنڌ هئي.

*****

# سنڌي اَدب جو وچائڻجي ويل نقاد : ممتاز مهر

✍ رڪيل مورائي

هونئن تہ زندگيءَ جي وهڪري ۾ گذرندڙ سڀ تاريخون وهي وڃن ٿيون پر انهن ۾ ڪي ڏينهن ڪي پل، ڪي ڪلاڪ يا ڪي منٽ پنهنجي خاص اَهميت ڇڏي وڃن ٿا، جن کي شخص زندگي پر ياد ڪري ٿو. انهيءَ فيصلي ڪانسواءِ تہ انهن جو يادگيرو خوشگوار آهي يا ناگوار!

مان پنهنجي ننڍڙي علم هوندي شايد وڏي ڳالھ ڪري رهيو آهيان تہ ’ويچار‘ ڪتاب سنڌي تنقيدي اَدب ۾ هڪ معجزو هئو، پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ معجزا ڪڏهن ڪڏهن ٿيندا آهن، سدائين نہ! پلي اَڄ اَدبي ماحول ممتاز مهر صاحب کي راس نہ اَچي پر هو سنڌي تنقيد کي راس آيل هڪ اَهڙو نقاد آهي، جنهن سچ پچ سنڌي تنقيد کي نوان رُخ ڏنا.

اهو سنڌي اَدب جو الميو آهي تہ ان ۾ نئون ڪيترو آهي؟ اهو مسئلو ڪجھ بہ نئون لکندڙ جو نہ آهي، اهو سڏو سنئون ڪجھ بہ نئون پڙهڻ جو چاھ رکندڙ پاٺڪ - پڙهندڙ جو آهي، ڪجھ بہ نئون جيئن تہ پراڻي سان ٽڪراءَ ۾ ايندو آهي انڪري کيس قبوليت پائڻ لاءِ ڪجھ وقت تہ کپي ئي! ۽ جيستائين وقت جي اها گهڙي اَچي تيستائين ممتاز مهر جهڙي سنجيده ۽ گهڻ پڙهئي نقاد کي وقت آڏو محتاجي قبولڻ نہ گهرجي ۽ نہ ئي سنساري منظوري نامن يا منع نامن جي. چو تہ خود وقت بہ غير معمولي شخص آڏو ڪنڌ هيٺ ڪري بيهندو آهي. جو شخص جو ڪنڌ گهڻو گهڻو اوچو آهي وقت کان!

ഇര

## غزل

✍ اَرجن حاسد

ڪجهه نہ ڳالهايو هو، موڪلايو تہ هو!
ڪنڌ لوڏيو تہ هو، هٿ ملايو تہ هو!

آرزو دل ۾ اَهڙي ڪا اُڀري هئي،
ڪنهن جي آنچل اَهو سڀ ٻڌايو تہ هو!

فاصلا ڏسندي ڏسندي وڌا ٿي ويا،
ڪِئن اَلائي ٻنهي سر جهڪايو تہ هو!

پنکڙين جي نزاڪت ڏنيون دعوتون،
مون بہ ڳِلُ آرسيءَ سان لڳايو تہ هو!

اولڙن جي تصور کي چئجي بہ ڇا،
گُنگُنايو تو، مون مسڪرايو تہ هو!

ٽِرورن جا ڏيئا، رات تارن ڀري،
ڪجهہ نہ هو، وهم دل جو اَجايو تہ هو!

وِک هڪڙي بہ حاسد کڻِي تو ڪِٿي،
پيچرو ڪنهن نہ ڪنهن هي بڻايو تہ هو!

## غزل

✍ واسديو موهي

هر اَکر ڏاريو لڳو هو لفظ جو،
روپ تو بدلي وِڌو هو لفظ جو.

تو چيو چيڪي، ٻُڌڻ کان وڌ چَکيو،
ذائقو ڏاڍو مِٺو هو لفظ جو.

تو چيو جيڪي، ٻُڌڻ کان وڌ پڙهيو،
اَرٿ اَک ۾ ئي لِکو هو لفظ جو.

تو چيو جيڪِي، ٻُڌڻ کان وڌ ڏِٺو،
صاف اِشارو چپ ڏِنو هو لفظ جو.

تو چيو جيڪي، ٻُڌڻ کان وڌ اُڏيس،
ياوُ اُڀ جيڏو وَڏو هو لفظ جو.

تو چيو جيڪي، ٻُڌڻ کان وڌ جُهڪيس،
ڪيترو ڀولو ٻَڇو هو لفظ جو.

هڪ دفعو جيڪر ٻُڌين ها، سمجهين ها،
مرمُ جو جهيڻو وڳو هو لفظ جو.

## غزل

✍ گوپ ڪمل

- شڪل ڏسندي چوَن ڏِنگو آهيان،
ورنہ ماڻهو تہ مان سِڌو آهيان.

- مونکي بلڪل اَڪيلو سمجهن ٿا،
خود ۾ ئي شاهي قافِلو آهيان.

- اِئين تڪڙ ۾ ڪٿان تون ختم ڪندين،
اَلف ليليٰ جو مان قِصو آهيان.

- تنهنجي منهنجي دلين جي وچ وارو،
طئہ نہ ٿيو سو ئي فاصِلو آهيان.

- عيب هڪڙو ئي نہ تہ سَچو سونو،
مان اُصولن جو ڳِهرڳِهلو آهيان.

- ڇا تَپت منهنجي تون سَهي سگهندين،
تنهنجي نفرت جو اولِڙو آهيان.

- تو تہ آرام سان پئي ننڊ ڪئي،
رات ڀر تنهنجي لاءِ رُنو آهيان.

- شام ٿيندي تہ ايندا مون وٽ ئي،
مان پَرندن جو گهونسِلو آهيان.

- ايڏو سولو نہ جوڙي سگهندا ڪمل،
ڏاڍي مشڪل سان مان ٺُڪو آهيان.

Gul Hayat Institute

# نظم

ڊاڪٽر خادم منگي

موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.
سنڌ اَسان جي ماءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.

دهشت جو آ راڄ برابر،
وَستي ڪابہ اَمن جي ناهي.
قُرلت، ڏاڙا، ڏينهن ڏني جو،
عزت ڪابہ سَلامت ناهي،
گڏجي سَڏجي مُنهن ڏينداسين،
سڀ جا رَکوالا ٿينداسين.
ها مرنداسين، پر ورنداسين،
دودا، سوڍا ٿي جمنداسين.
پنهنجو وارو نيٺ تہ ايندو،
وَرندو نيٺ تہ واءُ.
موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.

ساڳيءَ ٻئنچ تي گڏجي پڙهيا،
تو، مون بيت پٺائيءَ جا.
پاڻ ٻَئِي آلاپَ هُئاسين،
جڻ ڪنهن هِڪڙيءَ وائيءَ جا.
تنبوري جي تار نہ ڇِنجانءِ،
رابيلن جا هار نہ ڇِنجانءِ.
اُجرا اُجرا گجرا پوئيون،
پاڻ تہ من جا ميرا ناهيون.
پاڻ اَمن جا ڳيرا آهيون،
پَڙڪو اِئين نہ ڪاءُ.
موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.

صدين جي تاريخ پُراڻي،
ليڪ ڏئي ڪيئن ڊاهي ويندين؟
موهن، ديبل ۽ ملڪيءَ کي،
پنهنجي من تان لاهي ويندين؟
توکي ياد نہ ايندو سنڌو،
۽ هوُ ويساکيءَ جو ميلو.

لال اُڏيرو، ڪنور سَماڏي،
وچ درياهہ ۾ ساڌو ٻيلو.
اَهڙا منظر هِت ڇڏي تون،
ڪٿي نہ وڃ سوداءُ.
موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.

ٽُڪ تي سبيل رهليون ساريون،
ڪيئن تون سير ۾ لوڙهي ويندين؟
ٽوپيءَ جا هي ٽاڪيل ڪاوا،
پنهنجي هٿ سان ٽوڙي ويندين!
سوسين، چُنرين، لُنگين سان هِي،
روح جون ڳنڍيون ڇوڙي ويندين!
اجرڪ تي هي چِريل رنگ،
جي تون ڪُنَ ۾ ٻوڙي ويندين.
مٽيءَ جي پر مهڪ نہ ٻوڙي،
سگهندو ڪو درياءُ.
موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.

موتيءَ، فوتيءَ کُلهي ڪانڌي،
غميءَ، شاديءَ حُب هيڪاندي.
ڌرتيءَ جا اَصلوڪا وارث!
ڇا جو طوُفان، ڪهڙي آنڌي؟
عيدون پنهنجون، هوليون پنهنجون،
سهرا، لاڏا، لوليون پنهنجون.
ڇوٽيون، ڏِڻ، پروليون پنهنجون،
ڪيڏيون سُهٽيون، سوَليون پنهنجون.
ڪاٿي ايندُءِ ٻِئيءَ ٻوليءَ مان،
سنڌيءَ جهڙو ساءُ.
موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.

پاڙئون وڻ جو پَٽجي ويندو،
ٻيهر سو ڪيئن سائو ٿيندو.
گونچ نہ ٽِڙندا، ڦول نہ کِڙندا،
کهڙا پوپٽ، پونرا مِڙندا.
وڏُ وڇوڙو، اَهڙو ڏيندو،
جنهن جو ڪوئي ويڄُ نہ ٿيندو.
هر پل اَندرُ چِيري چِيري،
لوڻ انهيءَ تي پيو ٻُرڪيندو.
کُرندو رهندو، کَڙهندو رهندو،
پَربو هيءُ نہ گهاءُ.
موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.

اُترادي، سُڳداسي چانورَ،
لاڙ جا پيهون مِنڙا مِنڙا.
ڏنيرا، جهيِنگا ۽ موراڪيون،
ڏونرا، لَسيون، مکڻ، ماکيون.
ڇِلڙا، اُڦراٽا ۽ ٻُسريون،
ماهين کيرن ۾ مِسريون.
پاپڙ، چَٽٽيون ڇا تہ کٽائٽيون،
حلوا، پيڙا ۽ ڳُڙڌاٽيون.
آءُ اَمڙ جون ٽاهيل پاڇيون،
'خادم' سان گڏ کاءُ.
موهن! منهنجا پاءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.
سنڌ اَسان جي ماءُ،
سنڌ نہ ڇڏجانءِ تون.



Gul Hayat Institute

# توهان جا خط...

اَحمدآباد

۳۱ ڊسمبر ۲۰۱۹

پريه ڀاءُ نند ڇٻاڻي،

’ڪونج‘ جي لام-لام تي لوڊ ڏسي اَچرج ٿيو ۽ خوشي به ٿي! ڪونج جو هي ڊائمنڊ جبلي اَنڪ پڙهڻ بعد ڪونج جي آسماني اُڏام کي محسوس ڪندي ٿهائين وڌيڪ اَچرج ۽ خوشي ٿي. ڪونج جي اَهڙي اُڏام جو سپنو ته دادا هري موٽواڻيءَ به شايد ئي ڏٺو هوندو! سهڻو ۽ شاندار پڪو جلد جنهن ۾ ۵۰۰ پيجن جو ذخيرو سمايل آهي، اُهو توهان جي لگن، محنت، نشٺا، سوجهه-ٻوجهه، اُمنگ ۽ اُتساه جو ئي نتيجو آهي!

ڪونج جي هن پرچي ۾ گوناگون وشين تي لکيل نوان-پراڻا ليک، مضمون، شاعري، ڪيوتائون ۽ ڪهاڻيون وغيره جو سماويش آهي. هند-سنڌ جي لڳ ڀڳ سيني برک ساهتڪارن جون رچنائون ۽ سندن سهڻا مُکڙا شامل آهن. نه صرف ساهتڪارن جا پر سنڌي ودوانن، سنتن، درويشن، ڪلاڪارن ۽ سماجڪ ڪاريه ڪرتائن جا مکڙا پڻ شامل آهن، جيڪي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تهذيب جي ڪاروان کي ڏکن-ڏولاون ۾ آنڌي-مانجهيءَ پنهنجي همٿ ۽ اورچائيءَ سان اَڳتي وڌائيندا هليا آهن.

آخر ۾ توهان جي جذبي کي سلام ڪندي،

توهانجو پنهنجو،

**وڪرم شهاڻي**

*****

Gul Hayat Institute

مبارڪون ڏئي ها. جيا جي هيءَ هستيوادي ڪهاڻي اِنسان جي سَت کي اَهميت ٿي ڏئي. ڪهاڻيءَ جي مکيه ڪردار هڪ پنجاهه سالن جي وِڏوا عورت آهي، جنهن سڄي عمر ٻين جو خيال رکيو آهي. اِئين ڪندي هوءَ پاڻ کان دور هلي ويئي آهي. مگر هاڻ هوءَ جاڳرت ٿي ويئي آهي ۽ اَندر جي ويرانيءَ کي شدت سان محسوس ڪري رهي آهي. خود ساخته سلاخن کان ٻاهر نڪري هوءَ مکتيءَ جو سُرُورُ ماڻڻ لڳي آهي. اِنڪري هوءَ وديش ۾ رهندڙ پٽ جي زور بار تي به (جتي هن کي پوٽي جي نئنيءَ رول لاءِ گُهرايو ٿو وڃي) نٿي وڃي ۽ اِسٽيشن تان واپس ٿي موٽي. هن جي اِها واپسي هن جي هستيوادي هئڻ جي شروعات آهي. هاڻ باقي زندگي هوءَ پنهنجين شرطن تي جيئندي. جيا وٽ ڪردار جي فڪر ۽ اَحساس جي اِظهار لاءِ ڪمال جي ٻولي آهي.

**- ايشور مورجاڻي**

*****

آديپور.

پيارا دادا چڱاڻي صاحب، نمستي!

ڪونج جو نئون رسالو مليو. پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. توهانکي محنت کي داد آهي. شال سدائين خوش چاڪ هجو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندا رهو.

**- مڪيش تلوڪاڻي.**

*****

گوري گانءُ (اولهه)، ممبئي - ۴۰۰۱۰۴

۴ نومبر ۲۰۱۹

پريه سڄڻ،

’ڪونج‘ جو ڊائمنڊ جوبلي اَنڪ، پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو. جوبلي لفظ غلط لکيل آهي. ٿيڻ گهرجي جبلي. جيڪڏهن پاڪستان جي مهراڻ مخزن لکي ٿي، ته اُها اُرڊو ڀاشا کان

Gul Hayat Institute

متاثر ٿيل آهي ۽ اَسين سنسڪرت ۽ هنديءَ ڪان. صفحي چوٿين تي ڊنگواڻي باقاعدي لفظ برابر لکيو آهي، مگر هري موٽواڻي ۽ ڪونج واري ليک ۾ باقائدي لفظ غلط لکيل آهي. شري نوتن تولاڻيءَ ليک ۾ 'هو' لفظ، ٽي ڀيرا غلط لکيو آهي. ٿيڻ ڪپي ''هئو''. رتن ڪير آهي، جنهن جو ذڪر ٿيل آهي، سو ڄاڻايل ڪونهي! اَنڪ نهايت سُهڻو، سُپڪ ۽ سوادِي آهي. اُن لاءِ گھڻي محنت ڪيل آهي، جنهن لاءِ داد جي مستحق آهي اَدو نند. قيمت رپيا پنج سؤ ٺيڪ آهي. ڇپائي صاف سٿري آهي ۽ بس. لٺ جي ٺڪ ٺڪ تي پيئي.

**- ڪرشڻ هيمراڄاڻي**

*****

مُمبئي

١٠ جنوري ٢٠٢٠

آدرڻيه سمپادڪ جي،

'ڪونج' جو ڊائمنڊ جُبلِي اَنڪ پهتو. اِن لاءِ شڪرانا. ڪوِتا وڀاڳ جِي وچور هينئين نموني ڏيئي رهي آهيان.

صاحب بجاڻيءَ جا لطيفِي ٻول پسند پيا. روشن گولاڻيءَ جي ٻال ڪوِتا ۽ غزل من کي ڇُهي ويا. هو غزل ۾ لکي ٿو :

اَکين جا اَکين سان اِشارا وڻن ٿا،

ڏسان سونهن جو باغ، نظارا وڻن ٿا.

زخمي چانڊيو، ناڪر نيپواڻي جا غزل ۽ موهن همٿاڻيءَ جي ڪوتا 'سمارٽ فون' به وڻيا. هريش ڪرمچنداڻيءَ جون ڪوتائون - ''اَڇا ڪبوتر'' ۽ ''پنهنجا پنهنجا هٿيار'' ''تمام سُهڻيون آهن. ڊولڻ راهي ۽ پريم پرڪاش جون رچنائون لاجواب آهن. گوپ ڪمل جو شعر :

ويڇا اَسانجي وچ ۾ گھٽا ئي وڌِي ويا،

سچ سچ نه منهن تي چئجي وڏا سچ چئي ويا.

خوب آئڙيو.

Gul Hayat Institute

نارائڻ شيام ۽ سدارنگاڻي خادم جون لکيل رُباعيون پنهنجي جاءِ تي بيمثال آهن.

۽ بس.

**- گيتا بندراڻي.**

*****

وَرلِي، مُمبئي

۱ نومبر ۲۰۱۹

منهنجا پياءُ نند،

پريوار سميت خوش هوندا.

’لام لام تي لوڏ‘ دادا جن جي فوٽي سان پهتي. ٻه ٽي دفعا اَئڊريس ۽ نالو پڙهيو ته پڪ هيءَ سوکڙي مون لاءِ آهي. صدين کان پوءِ مون پيڻ کي ياد ڪيو اَٿوَ!

مان ته گهڻن کي وسري چُڪي آهيان.

هي گرنٿ آهي. بيشڪ اَسان جي ساهتيہ جا گل آهن. سچ پچ بيحد خوشي آهي، توهان جهڙا پيار سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي برقرار رکيو ويٺا آهن. بس اِئين جوت ٻرندي رهي. اَسين سنڌي سدائين گڏ!

توهان جي پيڻ،

**سوني (مولچنداڻي - بيلاڻي).**

*****

پُٽي.

## ’ڪونج جو ڊائمنڊ جوبلي اَنڪ‘

ڪاٻه سنڌي اَدبي مخزن پنهنجو گولڊن جوبلي اَنڪ ظاهر ڪري ته اِها ٻه هڪ اَچنبي جهڙي ڳالھ ليکبي. هاڻ سداحيات هري موٽواڻي ’سنڌي‘ جي روُح ۽ اورچ نند ڇٻاڻيءَ جي اَٿڪ محنت واري ’ڪونج‘ اِهو شرف حاصل ڪيو آهي. موجوده معياري سنڌي اَدبي ماٺائيءَ واري ماحول ۾ ’ڪونج‘ جو ڊائمنڊ جوبلي اَنڪ ڏسندي ئي اَکين کي آنند، من کي موڄ،

Gul Hayat Institute

چت کي چئن ۽ روح کي راحت ملي ٿي. نه صرف ايترو پر آئينده لاءِ هڪ خوشنما خواب به نظر اچي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ کي ڪڏهن به خطرو نه رهندو. ٻولي وڌندي ويجهندي رهندي ۽ سنڌي ادب اڳي ڪان اڳرو رهندو.

منهنجي اِن خوشفهميءَ لاءِ ٻه مددگار مُدا آهن، (۱) هندستان جا پُراڻا ۽ نوان تخليقڪار هڪ منچ تي ڏسجن ٿا ۽ (۲) دِل وارن دان-داتائن جي ٻه ڪڏهن کوٽ نه رهي آهي. مان هتي هڪ گذارش جوڙڻ چاهيان ٿو ته سنڌي قلمڪارن کي ٻه هڪ ٻئي جو هٿ وٺائڻ گهرجي.

’ڪونج‘ جو ڊائمنڊ جوبلي پرچو منهنجي سامهون آهي. ڊيمي سائيز جا ۵۰۰ صفحا، مال ۽ رومال جي لحاظ کان بيحد وڻندڙ، ’ڪونج‘ جو قدبت ظاهر ڪن ٿا. سچا سارا چوويهه صفحا رنگين فوٽن ۾، ڪيترين اَدبي مشغولين، ڪيترن اِدارن جي عهديدارن ۽ سنڌي عالمن، اَديبن، فنڪارن، دلدارن دان داتائن کي سهڻي نموني پيش ڪيو ويو آهي.

هن پرچي ۾ چونڊ مقالا، مضمون، ڪهاڻيون، ڪن خاص شخصيتن جي ڄاڻ، ’ڪونج‘ بابت هند-سنڌ جي عالمن اَديبن جا رايا، سهڻو سمپادڪيه، ٽن وِيوتين کي خراج عقيدت، ڪانسواءِ جناب صاحب ٻجاڻيءَ جي سهيڙ ’لطيفي ٻول‘ ڏنل آهي.

هڪ سؤ ڪان وڌيڪ رچنائن جي ليکڪن ۾ خاص آهن سنڌ جا جناب شوڪت حسين شورو، ڪليم ٻٽ، قاضي خادم، امداد حسيني، رکيل مورائي، نواز خان زئور، تاج جويو، موهن مدهوش، مدد علي سنڌي، نصير مرزا، اِنعام شيخ، ماهتاب محبوب، فاطمه پٽو، اَحسان دانش، اُستاد بخاري، نياز همايوني، اَياز گل، سيد خادم، سبحان ڏاڏاهي، شمع گل عزيز، اُوب ڪوسو، رسول ميمڻ، آتم ناٿن شاهي، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو وغيره.

ڀارت جي سنڌي رچناڪارن مان مکيه آهن - موهن ڪلپنا، واسديو موهي، جيا جادواڻي، ڀڳوان اٽلاڻي، ڊاڪٽر سريش ٻابلاڻي، گوپ گولاڻي، ديوي ناگراڻي، جينو لالواڻي،

Gul Hayat Institute

هولارام هنس، ڪلاڌر متوالا، ڊاڪٽر ديال آشا، ستيش روهڙا، شيام جئسنگهاڻي، جهمون ڇڳاڻي، ارڄڻ ٻاٻاڻي، پرمانند ميوارام، وڪرم شهاڻي، لڪمي ڪلاڻي، ڀڳوان ٻاٻاڻي، ڊاڪٽر روشن گولاڻي، ناديا مسند، گووردن ’گهايل‘، ڍولڻ راهي ۽ ٻيا.

جيڪڏهن هڪ هڪ رچنا جي اَدبي تڪ طور ڪرڻ ويهبو ته پڪ ئي پڪ وڏو نه ته ڇڳيرو ئي دستخط نهي پوندو. ذهين پاٺڪ پاڻ مطالعو ڪري شاهد ٿيندا.

آخر ۾ پاڻ نند ڇڳاڻيءَ کي مٺين مبارڪون ۽ زور قلم اڙ زياده!

**- گووردن شرما ’گهايل‘**

---

## غزل

✍ گووردن شرما ’گهايل‘

- جنهن زندگيءَ ۾ سُک ۽ غم ٻئي هُجن هزارين،
مونکي ته هر جنم ۾ سا زندگي کپي ٿي.
- دنيا ۾ روشنيءَ جي ڪا کوٽ ناهي، ليڪن،
دِل کي ڪري جا روشن، سا روشني کپي ٿي.
- جنهن جو نه واسطو ڪو هُن جسم سان رهي، پَر،
ريجهائي روُح کي جا، سا عاشقي کپي ٿي.
- ياري اُها کپي جا، هر راز کي سنڀالي،
جنهن تان وڃان مان صدقي، سا دوستي کپي ٿي.
- دنيا جا ڀيد سڀئي، مون کان ڇڏي وِساري،
بس هاڻ دل کي اَهڙي ڪا بي خودي کپي ٿي.
- ستڪرم تي هلي جا، انصاف کي نه کُڇلي،
سا زندگي کپي ٿي، سا زندگي کپي ٿي.
- جا سات زندگيءَ ڀر مون سان نِباهي ’گهايل‘،
مونکي به هُم خيالڻ هڪ ساهڙي کپي ٿي.

Gul Hayat Institute

# نئون ساهتيه

✍ نند ڇڳاڻي

(1) **”سنڌي ساهتيه ۾ منهنجو يوگدان“** (مضمون) -

ليک : **ڊاڪٽر ايس. ڪي. پُنشي**

ڊيمي سائيز، صفحه 192، قيمت 160 رُپيه، سال 2019، پبلشر : ليک پاڻ - ڊاڪٽر ايس. ڪي. پُنشي، پُنشي بنگلو، سچيانند ڪالوني، SBI پنيان، ڇتري تلاءُ روڊ، اَمراوتي، مهاراشٽرا - 444606 - فون نمبر : 0721-2673589، موبائيل : 985034450

ڪتاب ۾ ٻه اَکر شويا لالچنداڻيءَ جا آهن. ڊاڪٽر پُنشي چمڙيءَ جي بيماريءَ جو خاص ڄاڻو آهي. سندس ليک جدا جدا اخبارن - مخزنس ۾ سالن کان ڇپيا ايندا آهن. سنڌي ساهتيه سان لڳاءُ اٿن. هن ڪتاب معرفت سندن ساهتيه محفوظ ٿيو. ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپيل آهي.

(2) **”واگٽمل جي شادي“** (ٻال رچنائون - شاعريءَ ۾) - شاعر : **ڍولڻ راهي**

ڊبل ڪرائون سائيز، صفحه 121، قيمت 200 رُپيه، سال 2019، ڇپائيندڙ : سنڌو ڀاڳيا مِشرا - سيڪريٽري - سنڌي اَڪاديمي - دهلي - سي.پي.او. بلڊنگ، ڪشميري گيٽ، دهلي - 110006، فون : 23862992 - 23862848، اِي-ميل: sindhiacademy@gmail.com

ڪتاب جو عالمي نمبر : ISBN 978-81-87096-61-6

ڪتاب ٻهرنگي جُلد سان اوچي ململي پني تي ڇپيل آهي. ڪتاب سنڌيءَ جي ٻنهي لپين عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ گڏوگڏ - سهڻين مورتن سان ڇپيل آهي. تمام گهٽي وقت کانپوءِ ٻال رچنائن جو معياري ڪتاب ڇپيو آهي، اُن لاءِ شاعر ڍولڻ راهي ۽ سنڌي اَڪاديمي دهلي وارا جس جا ڀاڳي آهن.

نامياري ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي ’گلڙن جهڙا گيت راهيءَ جا‘ سري هيٺ سهڻو، ڳاهوڪو ۽ ڄاڻ سان ڀرپور مهاڳ لکيو آهي.

Gul Hayat Institute

(3) **”جوڳڻ جي پريت“** (ڪهاڻيون) - ڪهاڻيڪار : **گوپ گولاڻي**
ڊيمي سائيز، صفحا 112، قيمت 200 رُپيا، سال 2019، ڇپائيندڙ : ليڪ پاڻ - گوپ گولاڻي، FH/202، سڪيم 54، وجيه نگر، اِندور - 452010، ٽيليفون : 0731-2556620، موبائيل : 9329020556

عمر جي نوي (90) واري ڏاڪي ۾ (12.3.1935) گولاڻي صاحب - رٽائرڊ جنرل مئنيجر - پنجاب نئشنل بئنڪ مضبوطيءَ سان لکي پيو. وندر جي وندر - سکيا جي سکيا. ننڍي ٿهيءَ لاءِ سهڻو مثال ٿي رهندا.
ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي لکيو آهي. ڪتاب NCPSL جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.

**STATEMENT ABOUT OWNERSHIP AND ANOTHER PARTICULARS OF NEWSPAPER "KOONJ"**

**[ FORM IV (See Rule 8) ]**

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | Place of Publication | : | Mumbai - 400 023. |
| 2. | Periodicity | : | Bimonthly. |
| 3. | Printer's Name | : | Narendra Hariani |
| | Whether citizen of India | : | Yes |
| | Address | : | M/s. Sudha Offset Printers, 25, Prince Market, 1st floor, Furniture Bazar, Ulhasnagar - 421 003. |
| 4. | Publisher's Name | : | Nand Chhugani |
| | Whether citizen of India | : | Yes |
| | Address | : | 502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001. |
| 5. | Editor's Name | : | Nand Chhugani |
| | Whether citizen of India | : | Yes |
| | Address | : | 502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001. |
| 6. | Owner's Name | : | Nand Chhugani (Proprietor) |
| | Address | : | 502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001. |

I, Nand Chhugani, hereby declares that the particulars given above are true to the best of my knowledge and belief.

Sd/-
**(Nand Chhugani)**
Publisher

Date : **14/01/2020**

Gul Hayat Institute

## شريمان ڪرشڻ هيمراجاڻي

## WORLD ICON

International Biographical Centre
Cambridge CB2 3QP, England.
Tele : +44 1353 721091



To,
**Mr. Krishin J. Hemrajani,**
B-38/150, Old Siddarth Nagar,
Goregaon (W),
Mumbai - 400 062. (India)

IBC

Dear Mr. Hemrajani

**THE FIRST FIVE HUNDRED - A NEW EDITION - A NEW GENERATION**

Some months ago, I undertook a study within the International Biographical Centre to assess the possibility of publishing a completely new and revised edition of THE FIRST FIVE HUNDRED.

My reason for conducting this study was quite simple. I knew that THE FIRST FIVE HUNDRED had been one of the most demanding and satisfying ventures that had ever been undertaken by my esteemed predecessor, Dr Ernest Kay. He quite literally marvelled at its content and at the outstanding achievements of the five hundred men and women who were included within its pages.

I now feel that the time is right to publish a completely new edition of THE FIRST FIVE HUNDRED and it therefore gives me great pleasure to invite you, as a good friend of the IBC, to be included in this new edition. I have allocated two whole pages for your entry; one for the essay on your life to be compiled either by yourself or by one of my senior editors, and the other for a full page portrait photograph of yourself.

This new Edition, more than a thousand pages in size, will be edged in Gold, bound in the finest leather and embellished with your name in Gold on the front cover. Publication is scheduled for late 1997.

I know that you are aware of the importance of appearing in this new Edition of THE FIRST FIVE HUNDRED. I therefore urge you to complete the enclosed Reply Form and airmail it to me personally int the envelope provided, within the next fourteen days.

with best wishes,
Sincerely

**NICHOLAS S LAW**
Director General

International Biographical Centre is an imprint of Melrose Press Ltd. whose offices are at 3 Regal Lane, Soharn, Ely. Cambridgeshire, England. Registered in England number 965274

Advt.

Gul Hayat Institute

# KOONJ
ESTD. 1960

Sindhi Literary Magazine

**JAN.-FEB. 2020**

ڪُنج

Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551/61

Price : Rs. 60.00

*Founder Editor : **Late Hari Motwani "Sindhi"***

**Follow us on Facebook : www.facebook.com/koonjandnand**


## LITERARY PERSONALITIES

Dr. Kazi Khadim Hussain, born 11 Nov. 1945 at Hyderabad Sindh. Ed. Ph.D. professor at Sindh University. More than 50 books written. 9books of memoirs, research articles, novels, plays and short stories at credit. Married, living with family. Presently working hon. Director of Allana Ghulam Mustafa Qasmi chair and Hon. Director of Mohammad Hussain Turk Academy of Arts and Social Sciences. published 20 books of Allana Qasmi chair and one from the academy presently working on a Novel.


























**Courtesy: SANTUMAL TULSIANI, Ulhasnagar**

ڪونج - مارچ-اَپريل-2020 فقط ڪوَر




Gul Hayat Institute

# ACTIVITIES




**Courtesy: SANTUMAL TULSIANI, Ulhasnagar.**

Gul Hayat Institute

KOONJ ESTD 1960
Sindhi Literary Magazine
MARCH-APRIL 2020

Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551/61
Price : Rs. 60.00

*Founder Editor :* ***Late Hari Motwani "Sindhi"***
**Follow us on Facebook : www.facebook.com/koonjandnand**

## PRIZE PUBLICATIONS نئون اَدب









**Courtesy: VINOD DHANKANI, Ulhasnagar.**

Gul Hayat Institute